وتايو فقير

(سوانحي خاڪو، هم سخن ۽ سندس ڏاهپ وارا ڏس)

مرتب

دانش نواز

وتايو فقير

(سوانحي خاڪو، هم سخن ۽ سندس ڏاهپ وارا ڏس)

مرتب

دانش نواز

شاهه لطيف ڪتاب گهر
گاڏي کاتو، حيدرآباد
2015ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

60
ڪتاب جو نالو: وتايو فقير
مرتب: دانش نواز
ڇاپو پهريون: شاهه لطيف ڪتاب گهر 2015ع
ڪمپوزنگ: رفيق حسين ڪولاچي
روشني ڪپوزرس، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.
ڇپرائيندڙ: شاهه لطيف ڪتاب گهر
قيمت -/60 روپيا

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد+ پنائي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر حيدرآباد
ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد + ورسٽي بڪ شاپ، ڄامشورو
شير يزدان بڪ اسٽال، پٽ شاهه + حيدر ڪتب خانو پٽ شاهه ڪانيا واڙ اسٽور اردو بازار ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو + رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو مدني بڪ ڊيپو لاڙڪاڻو
نيشنل بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو+ نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو+ عبدالله بڪ ڊيپو بندر روڊ لاڙڪاڻو
اشرف بوڪ اسٽال مسجد روڊ نوابشاهه+ مڪتبه گلشين نواب شاهه+ مڪتبه حافظ اينڊ ڪمپني لياقت مارڪيٽ نواب شاهه
مهراڻ ڪتاب گهر ڪپرو + العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + ٿر ڪتاب گهر مٺي
ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص + المهراڻ ادبي ڪتاب گهر سانگهڙ
مدني اسلامي ڪتب خانو دادو+ سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊيپو دادو
عبدالرزاق بڪ اسٽال، ميهڙ مرچو لال بوڪ ڊيپو بدين + رحيم بوڪ ڊيپو بدين + سوجهرو ڪتاب گهر بدين،
مهراڻ بوڪ سينٽر سکر+ ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، سکر
الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز سکر مڪتبه امام العصر گهوٽڪي
سنڌ ڪتاب گهر، شڪارپور+ مولوي عبدالحئي شڪارپور+ سعيد بوڪ مارٽ، شڪارپور
تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس، خيرپور بڪ شاپ خيرپورميرس
مڪتبه عزيزيه کهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا
ڪنول ڪتاب گهر، مورو+ قاسميه لائبريري اسپتال روڊ، ڪنڊيارو+ سارنگ ڪتاب گهر، ڪنڊيارو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پاران

وتائي فقير متعلق منهنجو مرتب ڪيل هڪ ننڍڙو ڪتابڙو اڳ به ڇپيل آهي، پر مون کي پنهنجي دوستن جي حلقي ۾ عام ماڻهن سان رابطي وارو ڪم ڇهڻيل آهي ان لاءِ عام ماڻهن کان به وتائي جا ڪيئي اهڙا گفتا ۽ نقطا ملندا رهن ٿا. جو جيڪڏهن علامه آءِ آءِ قاضي چوائي ته هن فقير منش صديون اڳ سنڌي سماج ۾ ڦهليل پيرن فقيرن، پوتارن ۽ انڌن اونڌن رواجن تي پنهنجي نقطن جا سڌا اڻ سڌا اهڙا وڏاڻ ڦهڪايا آهن. جن مان لڳي ٿو سنڌي سماج ۾ جيڪي روايتي رواداري، سهپ ۽ سهڪار وارو رويو چالو آهي، ان ۾ هن فقير جي ڏاهپ ڀرين گفتن جو به هٿ آهي. سندس انهن لفظن جو ئي اثر ايترو گهرو آهي، جو مون کي ياد ٿو پوي ته منهنجي ڏاڏي امان، جنهن ڪٿي منهنجي پيءُ کي جنم نه ڏنو هو پر ننڍپڻ ۾ ساهيڙيءَ وارا يعني: منهنجي اصل ڏاڏيءَ کان (جيڪا اڃا حال حيات آهي) بابا کي گود ورتي، پالي نپائي عمر جي آخر حصي تائين اول گهول پئي ويندي هئي، سا هميشه چوندي هئي: الله آهي لوٽو جيڏي ليئنجي. مون به ڪجهه نه ڪجهه عوامي ڏاهپ مان واس ورتو آهي. خدا متعلق اهڙو تصور مون کي ڪٿي به نظر نه آيو يا چوندي هئي: ”الله ڏئي، الهڙي نه سهي.“ يعني: الله جي ڏني کي الهڙيون سماج جا ڏاڏا. پوتار اثر رسوخ واتا مِٽائي يا بدلائي سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح سڀ ڪجهه رب جي وس واريءَ ڳالهه تي ظاهر ڄڻ ته وار ٿو لڳي.

پر اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ٿو محسوس ٿئي جو اسان سنڌ جي ”ڏاهپ جي ڏاتار“ جي گفتن جي سهي ڇنڊڇاڻ يا تشريح

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درست انداز سان نہ ڪئي آهي، ان ڪري هي ڏاهو انسان سنڌي سماج لاءِ پنهنجي گفتن ۾، سندن بيمارين جي علاج لاءِ جيڪي ستيون ڦڪيون تجويز ڪيون ۽ پوءِ سماج ۾ مسافريون ڪري انهن کي چالو رکيائين، تنهن جي اثر کي محسوس ڪندي، سنڌي سماج تي صدين کان حڪمراني وتائي جي گفتن يا ستين ڦڪين مان بغاوت جي بوءِ آئي تہ هنن بہ اتڪل کان ڪم ورتي، پنهنجي ئي چاڙتن معرفت انهن گفتن جي جوهر يا ست ۾ حيرا ڦيريون ڪرائي يا عام مزاحيہ انداز ۾ ڦيرائي، ان جي جوهر ۽ اثر کي ضايع ڪري ڇڏيائون.

اڄ سنڌ ۾ اڪثر وتائي جي سڃاڻپ ڀوڳائيءَ طور يا وندر جو ذريعو آهي. ٻئي طرف ڏسبو تہ صديون گذرڻ بعد اڄ جو سنڌي سماج اتي ئي بيٺو آهي، جتي وتايو ڇڏي ويو هو اڄ بہ هڪ طرف اهي ئي ڀوتار پير، مير، ڪمدار ڪاراوا، اهي ڀوتارن جا ٻانهن ٻيلي، ورديءَ وارا عامُ آزاريندڙ آهن، نسل در نسل مسڪينن جي محنت تي پيا پلجن ۽ عيش ڪن، جڏهن تہ ٻئي طرف وري نسل در نسل اهوئي عوام آهي، جيڪو غربت جي گهاٽي ۾ پيو پيڙجي ۽ سور قبر تائين ساڻن گڏ آهن، ڪين ڪو ڳتو ڪا ڳلي نہ ٿي سُجهي، ويتر موجود سنڌي سماج ۾ سؤ سيڪڙو منافقيءَ اچي واسو ڪيو آهي، سچ ۽ سچ چوڻ وارو نسل ناپيد آهي، ۽ ڪنهن وتائي جي اچڻ جو آسرو بہ ڪونهي، پر سياڻا چئي ويا آهن تہ مايوسيءَ ۾ ڏاڍي جو فائدي ۽ هيٺي لاءِ بي همتائيءَ وارو زهر ذرو شامل آهي. ان ڪري مايوسيءَ کي ڪفر جو درجو ڏنو اٿن ۽ فطرت کي بہ تہ اڳتي سفر چالو رکڻو آهي، سو اها پنهنجي ڪُک مان اڄ نہ تہ سڀاڻ ڪونہ ڪو اهڙو گوهر جنميندي، جيڪو ڏاڍن جي ڏکهي ۽ گهٽي ڏاڍ خلاف وڏا وڏا وار ڪري، صدين جو سفر سالن ۾ طئي ڪرائي، سماج کي تازو توانو ڪندو.

دانش نواز

نوري آباد

20_02_2015

وتايو فقير

قديم سنڌ جي سنڌي ٻولي ڪهڙي قسم جي هئي؟ ڪو پتو نه آهي، توڙي جو تحقيق جاري آهي، پر هي ڄاڻ اٿئون ته ڀٽائيءَ جي زماني کان اڳ واري سنڌي هئي، "دٻي ۾ نڪريون". بيحد ٻاڙي، الف اگهاڙي ۽ ٻي سري. البت "شاه" آئي صحت به سڌريس ۽ رنگ به متايائين. سهڻي لطيف جي رنگ رنگي وڌس. سونهن به اُبريس، سريلي به ٿي ۽ سينگار به سکي. پوءِ اجرڪ اوڙهي اڇي اجري ٿي اڳيرو هلي. واٽ ويندي وتائي سان واقفيت ٿيس، جنهن کيس مرڪڻ جي مامر سيکاري، سوني تي سهاڳو. لاڪيٽي ۾ لطيف اڳيئي ٿي چڪي هئي، وري مليس لطيفو پوءِ ته رڇي راس ٿي پارس ٿي پيئي. جن جي منهن پيئي ۽ جن سان پنارو پيل هيس، تن کي به اڏي ڇڏيائين. هو به هاڻ، ماڙهوءَ ڪؤن ماٺهو ۽ ڄٽن مؤن ڄاموٽ ٿي پيا. اهڙي ڪمال جي ڪرشمي ۾ ڪايا پلٽ جو سهرو هيو ڀٽائي گهوٽ جي سر تي ۽ ٻيو هو وتايو. انهن ٻنهي ٻانهن ٻيلين جي آڌر ۾ سهاري سنڌڙي اڄ ڏينهن سوڌو پيئي ٽڄي.

وري به سنڌڙيءَ جي انهن سپاجهڙن کي سلام جن کي مارو ڄام جو مرم پيو ۽ ڀٽائيءَ جو پرم رکياڻون ۽ سندس پلايون پال نه پلاياڻون. سندس تڙيل پکڙيل ڪلام کي سهيڙي سينگاري قلمبند ڪري، محفوظ ڪياڻون. وقت بوقت ۽ سال بسال سندس ورسيون ملهائي، سندس ڳڻ ڳائيندا رهيا ۽ اهو شغل اڄ سوڌو جاري هلندو اچي. البت وتايو ويچارو! ويڳاڻن جيان ۽ ٻنهنجي ليکي، واتي ويٺي هلندو رهيو. وري به شڪر آهي جو وتايو ياد ته آهي، ورنه "ڪم لٽو ڍڪڻ وسريو" اسان جي هڪ پراڻي روايت آهي. هيءَ ٻي ڳالهه آهي ته وتايو صديون کان سنڌ کي وندرائيندو ۽ کلائيندو پئي رهيو آهي. پوءِ ٿي

سگهي ٿو تہ ڪيس وسارڻ ۾ سندس ياد کي من کان ميسارڻ، اسان سنڌين جي وس کان ٻاهر هجي.

هاڻ جيئن تہ وتايو "وقت" جي ڪسوٽيءَ تي پوريءَ طور پرکجي چڪو آهي ۾ سندس چهرا چٽڪلا ۾ ٽوٽڪا، سنڌي علم و ادب ۾ عام سنڌي زبان جا "اٽوٽ انگ" ثابت ٿي چڪا آهن، تنهن حالت ۾ اسان کي جڳائي تہ سندس ٻولن تي کلي "ڪن لاٽار" ڪرڻ بجاءِ، غور و فڪر ڪريون ۾ گنڀيرتا سان سندس پيغام جو جائزو وٺون. جيڪڏهن اسين وتائي جون ورسيون ملهائي سگهون، سندس نيهن نياپي کي سهيڙي شايع ڪرڻ کان لاچار آهيون تہ گهٽ ۾ گهٽ سندس معنيٰ خيز "مقصدِ حيات" کي سمجهڻ ۾ هيئين سان هنداڻڻ لاءِ ڪو اُدم تہ ڪريون؟ ڏسڻو هي آهي تہ آخر وتايو هيو ڪهڙي بلا؟ ڪو واٽڙو سائٽڙو موڳو مٺو هيو يا ڪو ملان لٽر هيو جو سدا وقلندو ٿي رهيو. ٿي سگهي ٿو تہ ڪو لِڏِ ۾ لڪل اڏيره لعل هجي؟ يا واقعي ڪو خواجہ خضر هيو جنهن وتائي جو ويس ڏاري اسان عقل جي انڌن جي روحاني رهنمائي ٿي ڪئي؟

وتايو ڪير هيو ڪنهن جو ڄايو هو؟ ڪٿي نپنو ڪٿي دفن ٿيو ۾ ڪڏهن؟ اهي غير ضروري سوال آهن. اهي پتا پار اهو پڇي جنهن جو وتائي جي وڏن تي قرض رهيل هجي، يا جنهن کي سندس گهر الاٽ ڪرائڻو هجي. هو الله جو ٻندو ۾ آدم جي عام رواجي اولاد ۾ هڪ هيو. سنڌ ۾ ڄائو نپنو ۾ سنڌ ۾ مئو. اها ئي آهي وتائي جي رام ڪهاڻي ۾ اها ئي آهي هر عام سنڌيءَ جي سوانح حيات. البت وڏيرن جي ڳالهہ ٻي آهي ۾ سندن هستي بہ اور آهي. مون تہ جڏهن بہ وڏي واڪي "الله" کي ياد ڪيو آهي تہ ڪو نہ ڪو وڏيرو ضرور ڪنائيندو آهي تہ ڪيس تہ سڏيو نہ ٿو وڃي.

خير! وتائي بنسبت جو ڪجهہ هيل تائين ٻڌندا ٿا اچون، سو هن طرح آهي تہ، "نصرپور جي لڳ هڪ ڳوٺ جو واهڻائي واٽيو هيو. ننڍپڻ لاڪر پنهنجي سوچ سمجهہ سادي سودي هيس. اڪثر پنهنجي دل من ٽٽوليندي ۾ دليل ڊوڙائيندي، ڪنهن موڙ تي هندو ڌرم ڇڏي، دين ڏانهن لاڙو رکيائين. پهريون ٻاڻ پوءِ سندن سچو گهراڻو شيخ ٿيو. ٻڌڻ ۾

اٿين به ٿو اڃي ته اڳتي هلي، جيئن ڪنهن ٻانڀڻ جي پيڪڙ ۾ نه آيو هيو. تيئن ملان جي وڪڙ ڪان به گوهي ڪري نڪري ويو. وتايو سنڌ جي واحد ماڻهو هيو جنهن پنهنجي ۽ پنهنجي خالق وچ ۾ ڪنهن ٽئين ٽياڪڙ کي تنگ وچڙائڻ مور نه ڏني. عجب اهو جو اهڙي بغاوت باوجود سندن ڇپيٽ ڪان بچي ويو ورنه سوليءَ چڙهڻ يا سنگسار ٿيڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي هٿائين."

ڪن جو هي به چوڻ آهي ته، وتايو پنهنجي وقت جو سياڻو ماڻهو هيو بلڪ ڪي ته اٿين به چون ٿا ته سنڌ، سياڻي ۾ سياڻو ماڻهو هڪ اُپايو اُهو هيو وتايو. ڏاها ڏيهه ۾ گهڻا، پر سياڻو لکن ۾ هيڪڙو. ڏاهي جي ڏاهپ جو مدار آهي ڏاه تي. يعني، پڙ سڏ يا خبرچار تي، جنهن سبب ڏاهو اڪثر به تنگو ڦاسندو ڏنو ويندو آهي، پر سياڻو ماڻهو ان کي چون، جنهن کي اندر جو سوجهرو هجي ۽ سڃاڻ هجي. ان ڏس ۾ وتايو ڇمندي ڇام هيو. ڪن ماڻهن جو اهو به خيال آهي ته پنهنجن کي چڱيءَ ريت پرکيو هٿائين ۽ ڪيس پوري ڄاڻ هئي ته ڄٽن سان ڪيئن نباهه ڪجي. ڏٿائين ته عجيب قوم سان واسطو پيو هيس. هو سائي کي سهن ڪونه ۽ بکئي کي ڏين ڪونه. وقت تي گڏه کي بابو چون ۽ جتي پڇڻ ناهي جاءِ اتي "پاڇوڪڙ" وريام سڏجن!

ڄٽرن سان ڄٽيون ڪن ۽ مٿن لاءِ مجاور ٿي ويهن. ڪاٿن پنهنجي گهران، پر پڇار سدائين پرائي ڪن. اهڙي آچار "لتر سان چڪر پڇي" سوچي سمجهي، سر بچاءَ ۾ چريو ٿي عمر گذاريائين. اٿين به هريرو صحيح نه هو جيئن چيو ٿي ويو ته ڪا ڪل ٽِڙي هيس، يا متيون ڏيندي لوڪ کي، چريو پاڻ ٿيو هيو بلڪل نه. اهڙو اياڻو وتايو هرگز نه هيو البت چريائي جي اوٽ ۾ ٻين کي متيون ڏيندو رهيو جيئن لوڪ لکا نه پوي. ڇاڪاڻ ته هي اهو زمانو هيو جڏهن "ماڻڪن موٽ" شروع ٿي هئي ۽ پلئه پايو سچ آچيندي هر هڪ کي لڄ ٿي آئي. ان ڪارڻ ساٽن سنئين سڌي ڳالهه ڪرڻ به پنهنجي ڪل لهرائڻي هئي. ان ڪري اڪثر ڳجهارتن ۾ ڳالهائيندو هو. صديون گذرڻ بعد اڄ ٿو پتو پوي ته مار ڇا چئي ويو! ڇاڇي به چيائين ۽ ڇهنڊڙي به پائي ويو. غضب جو سياڻو هيو.

اها ڪل ڪا نہ ٿي پوي تہ وتائي جي زندگيءَ ۾ جو انقلاب آيو، اهو سندس عمر جي ڪهڙي موڙ تي ۽ ڪهڙي ڪارڻ؟ هي تہ سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ ڪو ماڻهو پنهنجو گهر گهاٽ ۽ ڪاروبار ڇڏي جهنگ منهن ڪري وڃي ڪا ويراني وسائي؟ پوءِ نہ هوندو بانس ۽ نہ وڄندي بانسري، پر هن دنيا ۾ رهندي، هڪ جوڳي ۽ ويراڳيءَ جي زندگي بسر ڪرڻ ۽ لاطمع ٿي رهڻ، هڪ اهڙي انسان لاءِ ڪٿن ڪم آهي، جنهن کي اکيون بہ هجن ۽ سندس هوش حواس بہ سلامت هجن. آخر انسان گوشت پوست جو لوٿڙو آهي ۽ ڪو لوه جو ٺهيل پتلو تہ ناهي؟ خاص طور جڏهن انسان سان وري شيطان سلامت بہ سدائين ساڻ ٻيلهہ چڙهيو کيس هرڪائيندو رهي.

ان کان سواءِ واٽيو ٿي ڪري مايا جي موه کان ٽارو ڪرڻ ۽ ڌن دولت جي دام ۾ نہ ڦاسڻ، پنهنجي سر هڪ ڪمال ڪاميابي آهي. پاڻ وٽ ڪجهہ بہ نہ هئڻ هڪ مجبوري بہ ٿي سگهي ٿي، پر ڪجهہ حاصل ڪرڻ جي موزڳو خواهش ئي نہ رکڻ فقيريءَ جي معراج آهي. اسان ۾ هر هڪ کي هي ڄاڻ آهي تہ دنيا جي جملي جهڳڙن جي جڙ آهي ٽي ”زر، زن ۽ زمين.“ پر تنهن هوندي بہ اسان جي پوري عمر انهن ٽنهي لڪشمي ديوين جو پيڇو ڪندي ٿي گذري. اک پڇن يا نہ، اشارو ڏين يا نہ، اسين هر وقت وتون ٿا انهن اپڇرائن جي پٺ وٺندا. ڪوئي ليکي نہ ليکي، اسين بہ آهيون يار جي ليکي، لنڊي ڪتي وانگي.

وتائي کي هيءَ خبر هئي تہ حضرت آدم جي بنيادي خطا ۽ سندس اولاد، يعني انسانن جي جسماني خواهش وچ ۾ ڳوڙهو رستو هيو يا اٿين ڪٽي چٽجي تہ ساڳي ڳالهہ هئي. ان ڪارڻ زر ۽ زمين کان تہ اڳيئي فارغ هيو پر ڪنهن مومل ماڻڻ جي بہ پچر ڇڏي ڏنائين. هن دنيا جي طلسمي چار جا هي سڀ رسا ۽ ٽوڙها ڇنڻ بعد وتايو پنهنجي زندگيءَ جي مول مقصد ڏانهن پلٽيو جو هيو: ”انسانيت جي روحاني ترقي“، ان مقصد جي ڦهلاءَ لاءِ پنهنجي زندگيءَ جو ”قول ۽ عمل“ نموني طور عوام آڏو پيش ڪيائين. هن ڪڏهن بہ ولي، غوث يا قطب هئڻ جي هام نہ هنئين ۽ ڪڏهن پلجي بہ درويشيءَ جي دعوىٰ نہ ڪئي. هن پنهنجي لاءِ مشڪريءَ جو پارٽ منتخب ڪيو. ڇهچٽا بہ ڏسندو رهيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ تماشو بہ وجهندو رهيو. سندس ٻول ٻڌي ماڻهو ڳُڪين تي هٿ رکي کلندا رهيا. اڄ تائين اسان جو اهڙو رد عمل روان دوان آهي.

وتائي جي عام ماڻهن لاءِ شڪايت فقط هيءَ هئي تہ ڪين "ساڃهہ ۽ سڃاڻ" جي رمز هٿ نہ ٿي آهي. هو سواءِ شناختي ڪارڊ جي ڪنهن کي سڃاڻي ئي نہ ٿي سگهيا، سمجهڻ تہ وڏي ڳالهہ آهي. هڪ دفعي بک کان بي حال ٿي رستي ويندي وتايو بيهوش ٿي هيٺ ڪري پيو. ماڻهو رونشي ڪوڏيا اچي سندس چوگرد مڙيا. ڏٺائون وتائي تہ پرلوڪ پڌاريو. مسلمانن چيو تہ واڻيو هيو ان ڪري سندس ڪريا ڪرم ڪري مساڻ نيئي ڪيس ساڙيو وڃي. واڻين نابري واري، چي: واڻيو ٿي ضرور چائو هيو پر جيئن چوڻ آهي تہ "واڻڪو وياءَ جيئن وڏي تيئن ڪري" پوءِ سندس افعال مسلمانن جهڙا ٿيا هئا، انهيءَ ڪري ڪيس مقام ۾ دفن ڪيو وڃي. ماڻهن جي چوٻول تي وتائي اک پٽي، سجاڳ ٿي بوڇڻ ڇنڊي اٿي کڙو ٿيو. چيائين: "هاڻي مرڻ ۾ ڪهڙو فائدو جڏهن ماڻهن ۾ سڃاڻپ ئي ختم ٿي ويئي آهي."

سوال آهي تہ جڏهن وتائي کي تعليم ۽ ترغيب بہ ڪا نہ حاصل هئي ۽ اٽپڙهيل اناڙي هيو ۽ وري سندس اٿڻي ويهڻي ۽ عام ماحول بہ دهقانين وارو هيو تہ پوءِ سياڻو ٿيو ڪيئن؟ دراصل سياڻپ ڪنهن ڪيڏ ڪيڏڻ، حرفت ۽ هنر سکڻ يا ڪتاب پڙهڻ سان هٿ نہ ايندي آهي، پر مالڪ جي فضل ڪرم سان عطا ڪئي ويندي آهي. فقط عقل ۽ علم جي زور تي ڪا راهہ ملي ها تہ پوءِ عزازيل سڀ کان اڳرو ۽ اڳيرو هجي ها. مون تہ هر عقل جي اڪابر کي اونده ۾ هٿوراڙيون ڏيندي ڏٺو آهي. هر انسان جا هٿ ڏاڏي آدم واري گناهہ ۾ رنگيل آهن. جو سندس ورثو آهي، ان ڪري جيستائين سچو سائين ساڃهہ نہ ٿو ڏئي تہ پوءِ اکين هوندي بہ انڌو. انسان اهڙي ساڃهہ لاءِ ٻاڏائي ضرور سگهي ٿو پر ڏيڻ وس سائين جي آهي ڏئي نہ ڏئي.

وتائي جي ڏرم ۽ دين گهڻن ماڻهن کي منجهائي وڌو هيو هڪ دفعي سندس ياءُ مورو مل وتائي کي وينتي ڪئي تہ، "يائي، تون تہ مسلمان ٿي پارڻ موکيو. هاڻ مون کي بہ مسلمان ڪراءِ تہ سرڳ ۾ ٻئي گڏ تہ هجون." وتائي رڙ ڪري چيس: "يائي اهڙي غلطي نہ ڪج. مور نہ

مسلمان ٿيڻ. ورنہ سڄي ڄمار هٿ هٽندين. ڪلمون پڙهي مسلمان ٿيڻ تہ آهي سولو ڪم، پر پوءِ جي روزن، نمازن، زڪواتن ۽ تهجدن جا سلسلا شروع ٿين ٿا. تن جي پيروي ڪندي نہ فقط چڙه نڪري ويندءِ، پر ڏيوالہ ٿي ويندين. ڪڏهن پلجي بہ اهڙو جوکم جو ڪم نہ ڪج. ها البت مرڻ مهل مون کي ڪن ۾ ڪلمون پڙهي ٻڌائج تہ آءُ آخرت ۾ شاهدي ڏيندس تہ پاءُ مورو مل مرڻ مهل مسلمان ٿي مئو هيو. بهشت بہ حاصل ٿيندءِ ۽ خفي کان بہ بچي ويندين. ڪم جو ڪم مزي جو مزو.“ آخرين گهڙيءَ ۾ ڪلمون پڙهڻ جي راز کان اهي الله جا بندا بخوبي آگاهہ آهن ۽ جن کي هيءَ ڄاڻ آهي تہ زندگيءَ جي هن پڙ، سندس ٻئي ڪناري ڪهڙو وٽج وِکر ٿو هلي ۽ ڪيئن ٿو وهي پري، هونئن بہ سموري زندگيءَ جي عبادت بہ ان لاءِ ڪئي ويندي آهي تہ جيئن آخري گهڙيءَ جي آزمائش کان پار اُڪرجي. پڇاڙيءَ جي پهر ۾ سرخرو ٿيڻ لاءِ ماڻهو پنهنجي سڄي ڄمار وظيفن ۽ قلبي ذڪر ۾ صرف ڪندا آهن تہ جيئن آخرين هڏڪيءَ مهل ڪلمون روان هجي، ورنہ سڄي عمر جي ڪمائي هڪ لحظي ۾ رائگان. پيو سبب هي ڏنائين تہ ”مسلمان“ ٿي رهڻ انتهائي اوکو ۽ ڏکيو ڪم آهي ۽ وڏي همٿ ۽ حوصلو گهرجي. باقي نالي ۾ نهال ٿي رهڻ مقصد آهي تہ پوءِ اهاپي ڳالهہ آهي.

اسان جي منڪر نڪيرن، قبر جي سوڙهہ، قيامت جي گرمي، آخرت جي عذاب ۽ دوزخ جي دڙڪن ڏيڻ سان اسان جو پگهر ۽ خون تہ خشڪ ڪرڻ ۾ پنهنجي فرض ادائي پوري ڪئي آهي، پر هي ڪڏهن بہ سمجهائڻ جي تڪليف گوارا نہ ٿا ڪن، تہ آخر هڪ غريب ۽ مسڪين انسان، جنهن ”نوريٽڙي جي مهماني آهي فقط بہ پير“ تنهن کي عذاب ڏيڻ جا ايڏا تڪسات ڇا لاءِ گهڙيا ويا آهن؟ وري دوزخ ۽ منجهس سزائن ۽ ڦاسي گهاٽن جو وچور اهڙو ٿي ٻڌايو وڃي، ڄڻ آسمان جي نوانوي ڏهائي پوٽا ڏهہ حصن تائين جهنم ڦهليل آهي ۽ باقي اڍائي سئو ڪن وال پلاٽ تي جنت جو ڪوارٽر اڏيل آهي، جو بہ ظاهر آهي، تہ ٺيڪيدارن لاءِ روزروڊ ٿيل آهي. جي وتايو وقت سر نہ اچي ها ۽ اسان کي آٿت نہ ڏئي ها تہ هوند اسان سيني جا هنياوَ هئبت ۾ ڦاٽي پون ٿا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن وتائي ماءُ کي چيو ته امڙ بک لڳي اٿم. جيڪر ماني ڪارائين ته ڏاڍو چڱو. ماڻس چيس ته، ابا ڀاڙي ۾ وڃي ٿانڀڙو ڪڍي اچ ته باهه ٻاري ماني پچائي ڏيانءِ! وتايو اوڙو پاڙو گهمي واپس خالي هٿين گهر موٽيو. ماءُ کي چيائين ته، امان باه ڪٿي به موجود نه آهي، سو وڃان ٿو دوزخ کان چوچڙي ڪڻڻ. ائين چئي وري ٻاهر نڪري ويو. جهڙ ڪن بعد ڪلندو ٽپندو گهر ۾ داخل ٿيو. ماڻس پڇيس ته، ابا ٽانڊو مليئي؟ جواب ڏنائين: امڙ نه. دوزخ ۾ ويس ته اتي ملائڪ مون تي کلڻ لڳا ته هتي باه ڪٿي؟ الله پاڪ ڪو بنيءَ وارو يا نانوائي ته نه آهي، جو باهه ٻا ڪورا يا تنور ٻاري ويهي پنهنجي مخلوق کي پچائڻ هاڻ فرائڻ ڪري. هتي ته هر ڪو ماڻهو پنهنجي آڳ جي ڪوٺا پاڻ سان ڪنيو ايندو آهي، جا باهه هو لوڀ لالچ، حسد بغض ۽ نفرت وغيره پنهنجي اندر ۾ جمع ڪندو ٿو رهي. پوءِ مرڻ پڇاڻان هتي اچي هر انسان پنهنجي باهه جي پونجيءَ ۾ پاڻ ٻرندو ۽ پچرندو ٿو رهي.

رستي هلندي هڪ هنڌ ٻيهي وتائي ڳهل گهوڙا شروع ڪئي. سندس رڙين تي ماڻهو اچي مڙيا. پڇيائونس ته فقير خير ته آهي، جو دانهون پيو ڪرين؟ وتائي پير مٿي ڪري ڏيکاريو، جنهن ۾ هڪ سنهڙو ڪنڊو چُڀيل هيو. ڪنهن ماڻهوءَ ڇهنڊي وجهي چپٽيءَ سان ڪنڊو ڪڍي ٻاهر اُڇليو. ماڻهن فهمائش ڪئي ته درويش ڪجهه پاڻ کي هٿ ڪر، هن ذرڙي ڪنڊي لڳڻ تي ايترو آسمان اچي مٿي تي کنيو اٿيئي. وتائي چيو ته، توهان ماڻهن کي آسمان واري جي عادتن جي کهڙي خبر! جي اڄ آءٌ ان ڪنڊي لڳڻ تي رڙيون نه ڪريان ها ته سياڻي هو هڪ اهڙو پالو ٻچي ڇڏي ها جو نڙ گهٽ کان ٻنسٽ پار هجي ها. چيو ڪونه اٿائين ته، ”آءٌ انسان کي سنڌس وت کان وڌيڪ تڪليف نه ڏيندو آهيان.“ صبر اختيار ڪري پنهنجي برداشت جي طاقت وڏي هئڻ جي ڪيئن نمائش ڪريان؟ ۽ پاڻ تي وڌيڪ مصيبت نازل ڪرڻ لاءِ قدرت کي دعوت ڏيان؟

اسان وٽ عام طور ڪنهن ماڻهوءَ جي لحاظ قدر ۽ سڃاڻپ جي فوتڪتي آهي سندس رتبو مال املاڪ ۽ ظاهري ڏيک ويک. وتائي وٽ هيو ڇا جو ڪيس ڪو ڪنهن مان مرتبي يا آدر ڀاءُ لائق سمجهي؟

اسين سُڃيُ ماڻهوءَ کي سلهہ جو مريض سمجهي کائونس تارو ڪندا آهيون تہ مبادا سندس سُڃائي اسان کي نہ وچڙي وڃي، سو جڏهن وتايو کنهن عامَ دعوتَ ۾ وڃي شريڪ ٿيو جتي خلق ويٺي خيرات کاڌي، تہ بسندس ڦاٽل ڪپڙا ڏسي کيس لوڏي ٻاهر ڪڍيو ويو. گهر وڃي ياءَ جا ڏوٽل ڪپڙا پائي، وري اچي ساڳيءَ دعوت ۾ شريڪ ٿيو. سمجهياڻون تہ ڪو معزز ماڻهو وارد ٿيو آهي. سلمچي کڻي سندس هٿ ڌوئاريُ پوڙ پلاءَ اچي آڏو رکيائونس. بجاءِ نوش جان ڪرڻ جي، وتايو پوڙ پلاءَ ۽ چانور جا چمچا پري قميص ۽ سٿڻ مٿان هاريندو رهيو ۽ ڪپڙن کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو: 'مهماني اوهان جي آهي، کائو ۽ خوب کائو' مون کي تہ لتون هڻي ٻاهر اماڻيو هئائون.

سڄي عمر "توڪل" تي گذران ڪيائين. ڏنائين تہ پکي پکڻ کان ويندي جانورن تائين ڪنهن بہ سياڻي، لاءِ سمر جمع نہ ٿي ڪيو. انسان هڪڙو ئي جانور هيو جنهن جو مالڪ جي رزاقيءَ تي ڀروسو گهٽ هيو حالانڪ هن هام وڏي ٿي هنئين. وتايو تہ رات جو ٻاٽيءَ جو گهڙو بہ هاري پوءِ سمهندو هيو تہ صبح جو سائين، جڏهن انهن کي اڳ ۾ تو ڏٺي جن کي نہ ڏاند هيو ۽ نہ ٻج، تہ پوءِ آءٌ ڇالاءِ ويٺو وسوسا ڪيان؟ جو ڪجهہ ملندو هيس، اهو بہ ٻين حوالي ڪري ڇڏيندو هيو.

هڪ دفعي ڪنهن ماڻهوءَ روڪ روپيو ڏنس جو وٽي ڦاٽو. ڪڏهن ٻهرياڻ جي پلو ۾ ٻڌائين تہ ڪڏهن ور ۾ تي وڌائين. آخر ڪڪ تي رستي جي هڪ سڪي وڻ جي پاڙ ۾ پوري ڇڏيائين. ڪنهن ماڻهوءَ کيس ڏسي ورتو. وتائي اجا پٺ مس ڏني تہ هن پاهوڙا کڻي اچي کوٽائي شروع ڪئي. پهرين ٿي لپي ۾ ربيو مليس. سمجهياڻين تہ خزانو تہ اجا هيٺ هوندو پوءِ تہ وڻ پاڙون پٽي ساهہ پٽيائين. وتايو شام ٽاڻي اچي ڏسي تہ وڻ جڙ کان اکڙيو پيو هو. تهڪ ڏيئي پاڻ کي مخاطب ٿي چيائين: "ڏٺيءِ جي روپيو ڪجهہ وقت اجان بہ پاڻ وٽ رکين ها تہ ان وڻ جيان اونڌو ٿيل هجين ها."

وتائي جي لطيفن جو ڳچ حصو موت متعلق آهي. ڏسجي ائين پيو تہ وتائي جي ملڪ الموت سان ڳهاتي ياراڻي هئي ۽ شايد اهڙيءَ اڪير سبب کيس ور ور ڪري ياد پئي ڪيو اٿس، پر عام ماڻهوءَ کي موت کان

ڇا لاءِ ٿي ڇرڪيائين. اهو ڪيس سمجهه ۾ نه ٿي آيو. موت ته پنهنجي جاءِ، پر ڪنهن کي فقط ڇرڇي ۾ ڪراڙو يا ٻڍو ٿيڻ سڏيو وڃي ته، اهو به ڪين سخت ناگوار ٿي گذريو. حالانڪ، "موت" هڪ حقيقت هئي، جنهن لاءِ سورنهن آنا ۽ سو في صدي خاطري هئي ۽ دنيا جا باقي ڪاروبار ته صرف ٻڌ سڌ تي يا گشي پتي تي ٿي هليو. موت ئي ماڻهو لاءِ اٽل حادثو هيو ۽ فقط ان ماڻهوءَ وٽ نه ٿي آيو جو اچا ڄائو ئي نه هيو. جي ماڻهن موت جي ڪيڪر نٿي ڪئي، يا در آئي سندس آدر ڀاءُ نه ڪيو ته نه سهي، پر مٿس غم رنج ۽ غصو ڇا لاءِ ٿي ڪيو ويو؟ "موت" ته زندگيءَ جو ڏاج هيو ۽ ڪاگار ته نه هئي، جو ڪنهن جي ڪاوڙ لاءِ سبب بڻجي. وتائي، پاڻ ته موت کي ڇوٽڪارو سمجهي، سندس اوسيئڙو ٿي ڪيو. موت ته "چولو" مٽائڻو هيو ۽ وتائي جي چولي ۾ ته اڳيئي چتيون لڳل هيون.

هڪ ڀيري وتائي ڳوٺ جي ڏکڻ وٽ وڃي سوال ڪيو ته امڙ جي ڪوٺلي ڀڄي پيئي آهي جيڪر هلي ٺاهي ڏين ته مهرباني ٿيندي. واڍي روکڙو جواب ڏنس ته، "وتايا اڄ واندو نه آهيان. واندو ٿيان ته هلي جوڙي ڏيندسانءِ". هو هر دفعي اهڙي ڪن لاٽار ڪري وتائي کي لنوائيندو رهيو.

هڪ ڏينهن وتائي ڏٺو ته ڪو جنازو ڪنيو ٿي ويا. پڇڻ تي پتو پيس ته ساڳيو ڏکڻ گذاري ويو هيو جو سدائين مشغول رهندو هيو. وتائي ڊوڙي جنازي جو اڳ ورتي، ڪلهي ڪانڌين کي ميت جي آخري ديدار ڪرائڻ لاءِ درخواست ڪئي. جنازي کي هيٺ لاهي جڏهن ڪيس منهن ڏيکاريو ٿي ويو ته ميت کي هڪل ڪيائين: "ادا واڍا! اڄ ته پڪ واندو هوندين. نويڪلو کٽ تي آرامي آهين. هاڻ ته هلي ڪٽولي ٺاهي ۽ پنهنجو واعدو پاڙ."

سومر سپايو وتائي جو پاڙيسري هيو. نهايت نيڪ نمازي هيو پر ڪيس هميشه اها شڪايت هوندي هئي ته ملان سومهٽيءَ جي نماز پڙهائڻ ۾ ڏاڍي ڍيگهه ٿو ڪري. وتائي کي جڏهن خبر پيئي ته سومر سپايو اڄ صبح جو گذاري ويو ته تڏو ساه کڻي چيائين: "چڱو ٿيو جو مري ويو. گهٽ ۾ گهٽ سومهٽي واري نماز جي سورن کان ته ڇٽي پيو."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ماڻهوءَ ڪهل آڻي وتائي کي جُتي وٺي ڏني، جا پٺي ڏينهن تيْ ڪو شاهينگ چورائي ويس. وتايو وچي مقام جي لنگهه تي ويهي رهيو. "چي: چور جو اڳ وٺي هتي ويهانس. اڄ نه سيان ضرور هتي اچڻو اٿس." حالانڪ ڪيس خبر هئي ته مقام ڏانهن پاڻهرتو ڪو ئي به پنڌ ڪري نه ايندو آهي، پر پيا ماڻهوءَ ڪيس ڪٽ تي چوڪنيو سلهاڙي ڪٽي ايندا آهن. ان کان علاوه مردي کي غسل ڏيڻ بهاني سندس تلاشي وٺي، سندس لٽا ڪپڙا لاهي، ڪيس هٿين خالي پيرين اگهاڙو آڻي ڏڏڙ داخل ڪندا آهن. پوءِ جتيءَ جي واپسيءَ لاءِ آسرو ۽ انتظار بيڪار هو پر شايد وتائي ماڻهن کي موت جي يادگيري تازي تي ڪرائي ته اڳي پوءِ هي فاني جهان هٿين خالي ڇڏڻو آهي ۽ پوءِ مال متاع جي هيرا ڦيري ۽ چوري اجائي هئي.

موت کان ماڻهن جو ڇرڪڻ ڪنهن حد تائين واجبي پڻ هيو. ڇاڪاڻ هڪ ته موت هر انسان جو پڳيءَ جيان پيرو ڪنيو تي ڪڏ گهميو. پيو وري انڌي هاٿي جيان نه تي ڏناڻين مند يا موسم ۽ ازغئبي اچي تي ڪنڌ تي ڪڙڪيو پر الله پاڪ. جو خالق ۽ رازق هيو ۽ رحمان رحيم هيو تنهن کان ماڻهو ڇا لاءِ تي ڊنا. هو ڪو اجگر ازدها يا مانگر مڇ ته نه هيو جو ڪنهن کي هڙپ ڪري ڳڙڪائي. هو ته پڙدي پوش ڍڪڻهار هيو ۽ صاحب رب ستار ۽ غفار هيو ۽ انسان جو اڪيلو اجهو ۽ آسرو هيو. پوءِ اهڙي محسن مالڪ کان خوف زده ٿيڻ جو ڪارڻ؟ هي برابر آهي ته سندس نوانوي نالن ۾ هيڪڙ ٻيڪڙ صفتون اهڙيون به هيون جن ۾ قهر ۽ جبر بکيو تي، ليڪن الله جي اها ڏاڍ مڙسي فقط ڏاڍن کي ڏارڻ ۽ اوچي ڳاٽن کي نوائڻ خاطر هئي.

عدو موچي، عثمان حجم ۽ سومر نانوائيءَ جو اهڙين نادري وصفن سان ڪهڙو واسطو؟ وتائي، عدو موچين، عثمان حجمن ۽ سومر نانوائن کي اهڙي الله سان ڏيٺ ويٺ ڪرائڻ جو اُدم تي ڪيو جو فقط غريبن جو رب هيو ۽ آسمان تي نه، پر زمين تي حاضر ناظر هيو. هو پاڻ به وتائي جي راءِ مطابق، غريبن جيان غريب هيو معصوم هيو ۽ اٽڄاڻ هيو. اٽڄاڻ به اهڙو جو ڪيس گڏه ۽ ڳانءِ وچ ۾ فرق جي خبر به خير ڪا هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وتائي کي ڪنهن سخي مرد هڪ ڪراڙي ڳئون خيرات ظور ڏني. وتائي ڳئون ماتا جي ٽهل ٽڪور ته گهڻي ئي ڪئي، پر ڪمن ڪنير جي گڏهِ روزانه رات جو اچي گاهه پنو ڪائي، وتاڻ بهاري هلي ويندي هئي. آخر ڪڪ تي وتائي هڪ ڏينهن هٿ کڻي الله کي عرض ڪيو: مالڪ! ڪنن واريءَ کي مار ته سنڱڻ واريءَ جي جان ڇٽي. صبح جو ڏٺائين ته سندس ڳئون مئل پيئي هئي. پنهنجي اکين تي اعتبار نه ڪندي هڪ انڌي کي گهر وٺي، ڪيس ڇيائين ته، هي جانور ته سڃاڻي ڏي. نابين هٿوراڙيون ڏيئي فتويٰ ڏني ته، هي جانور ڳئون آهي. وتائي کلي چيو: "الله کي اها خبر به ڪانهي. دعا ضرور اگهايائين، پر ڪنن واريءَ ۽ سنڱن واريءَ وچ ۾ تفاوت جي ڇاڻ ڪيس به ڪا نه پئي"

وتائي جو واسطو ان اپوجهه ۽ مسڪين عوام سان هيو جي فصيح ۽ بليغ ۽ عالمانه فلسفن کي سمجهڻ کان لاچار هئا. ڪين پنهنجي سوچ ۽ سمجهه آهر هڪ سادي سودي ۽ سليس نسخي جي لوڙ هئي. قبر ۽ قيامت جي عذاب ۽ دوزخ جي دڙڪن کان ڊنا ضرور ٿي، ليڪن هي سمجهي نه ٿي سگهيا ته سندن قصور ڪهڙو هيو؟ هو ڪو نمرود، شداد ۽ فرعون ٿورو ئي هئا، هو ته اڳيئي غريب، مسڪين ۽ اڪن تي پارو هئا، جن زندگيءَ ۾ به ويلا پيٽ پري به ماني مشڪل ڪاڏي هئي ۽ ڏئو جي اوڳرائي ڏني به ڪين سال گذري چڪا هئا. هنن هڏ هٽندي ۽ رات ڏينهن تتيءَ تڏيءَ هلندي نانگ وڇون تي لتاڙيا.

هيءَ دنيا وري سندن لاءِ ڪهڙو بهشت هئي؟ پوءِ اهڙن اپيپاهن کي ڊيڇاري، سندن ساه ڇا لاءِ تي سڪايو ويو؟ جيڪڏهن ڪين هڙان نه ٿي ڏنو ويو ته ساڻن ڪو وڙ ته ڪيو وڃي. ڪيسي جو سخي ته نه ٿي سگهيو پر زبان جي سخا ۾ ڪا ڪنجوسي نه ڪيائين. اهڙي پيار ۽ پريم جو پرچار ڪيائين، جو خوف کان بڪل خالي هيو. اهو به اهڙي منڙي نموني جڻ ٻار تي پرچايائين يا رنل تي سرچايائين. ڇي، قبر کان ڪهڙو ڊپ؟ هوءَ ته مائي متي هئي. انسان کي پناه تي ڏنائين ۽ سندس لڄ ۽ آبرو تي رکيائين. ڄمڻ کان اڳ ماءُ جو پيٽ ۽ مرڻ بعد امڙ متيءَ جو پيٽارو. دوزخ ته پاڻ وڃي روبرو ڏسي آيو هيو. هتي ڪا آگ نه هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان فقط هن دنيا ۾ باه لاءِ سامان جمع نہ ڪيو. پاڻ تي ڪو ”الزام“ نہ ڪٺو ۽ قدرت کي سزا لاءِ ڪو بهانو نہ ڏيو.

ڪنهن ماڻهوءَ وتائي تي وار ڪرڻ لاءِ مٿس لٺ اولاري، وتائي واڻڙو ٿي پڇيو تہ، ايڏي ڪاوڙ ڪهڙي قصور ڪارڻ؟ لٺباز وراڻيو تہ، ”تون پاڻ چوندو آهين تہ هٽي هٽائي پاڻ الله ٿو پوءِ مون کي بہ اهڙو حڪم ڪيو هونداڻين.“ وتائي ٿهڪ ڏيئي چيس: ”ميان! الله کي واڻيو مارڻو هوندو تہ هر حال ۾ ماريندو پر مورک تون پاڻ تي ”الزام“ ڇا لاءِ ٿو ڪٺين.“

هڪ ڀيري وتائي جي گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪا شيءِ ڪا نہ بچي. ماڻس چيس تہ، ابا مون کي تہ ڪو اٽو بہ اڌارو نہ ٿو ڏئي تون ڪو بلو ڀيٽي ڪر. وتائي چيو تہ، امڙ فڪر نہ ڪر. رزق جو ٺيڪو پاڻ کنيو اٿس، وڃي ٿو ان ٺيڪيدار کي ڳچيءَ کان جهليان! خالي ۾ ڦاٽل ڳوٺ ڪٺي هڪ ٻير جي وڻ تي چڙهي، مٿي منهن ڪري هڪل ڪيائين: ”مون جيان جيڪڏهن تنهنجا بہ خزانا خالي ٿي ويا آهن تہ پنهنجي ڏيوالہ هئڻ جو اعلان ڪر، تہ آءٌ ڪنهن ٻئي جو در تاڙيان، ورنہ اَن جي ڳوڻ ڀري ڏي، جو امڙ ٻئي انتظار ڪري.“ اجان وڻ تي ٻيٺي الله سان حالي احوالي ٿي ٿيو تہ ڪنهن ڪهل آٽي ٻاچڪو اٽي جو ڀري هيٺ اڇي رکيس. وتايو اٽو ڪٺي امڙ وٽ آيو ۽ چيائين، ”اڄ ڪلهہ ان پينهائي ٿو ڏئي ۽ اجان بہ چار منٽ ترسان ها تہ ماني پچائي بہ ڏئي ها.“

وتايو انهن سيلاني درويشن ۾ هڪ هيو جي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ انسانيت کي آٿت ۽ ڏڍ ڏيڻ لاءِ وقت بوقت پيئي ايندا رهيا آهن. جيئن يونان جو ڊايو جنيس، ترڪيءَ جو ملان نصير الدين ۽ ايران جو شيخ چلي. اهو سلسلو صدين کان هلندو ٿو اچي. دنيا جي هر دور ۾ ڪو نہ ڪو درويش اهو ورثو سنڀاليندو ۽ جاري رکندو ٿو رهي. پير ڳوٺ وارو آندو فقير ۽ خيرپور جو فولاد فقير بہ ساڳئي زنجير جون ڪڙيون ٿيون ڏسجن. هر قسم جي درويشن واري انت ۽ بحر جي ڪا ڪل نہ آهي. هو هر دم پنهنجي حال ۽ قال ۾ مست الست رهن ٿا. هو نہ بندہ خدا ٿا ڏسجن، ڇاڪاڻ تہ هو مذهب جي احڪامن جي ڪا پيروي نہ ٿا ڪن، نہ بندہ زمانہ، جيئن جو زماني جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر تعلق ۽ تقاضا کان بلڪل آجا ۽ آزاد آهن. شرعي اعتبار کان هي درويش دين ۽ دنيا ٻنهي دائرن کان ٻاهر آهن.

مستن ۽ مجذوبن جيان اهڙن فقيرن جي ڪڏ لڳڻ يا سندن نقش قدم تي هلڻ هڪ سراسر ناداني ٿيندي. چاڪاڻ ته جڏهن هو ڪنهن تي راضي ٿي دعا ڪندا ته وڏ ۾ وڏ ڪيس پاڻ جهڙو مست ملنگ بڻائي ڇڏيندا، جو صورتحال هڪ ذميوار انسان لاءِ هر گز قابل قبول نه ٿيندو. هو غير ذميوار بي جوابدار ۽ بي لغام "الله لوڪ" آهن. ڪين نه گهر نه گهاٽ، نه رن نه روڳڙي ۽ نه مٽ نه مائٽ. آٽتا نپٽا. آئي ته ڪاڏي نه ته الله واهي. آخر اهي ماڻهو ٿهڪ نه ڏيندا ته ٻيو ڪير کلندو؟ هيءَ ٻي ڳالهه آهي ته سندن معنيٰ خيز "مرڪڻ ۽ مشڪڻ" هر زماني جي دلگير ۽ ڏنل آدم ذات لاءِ هڪ دلداري ۽ دلاسو ۽ درس ثابت ٿئي ٿو. اجا به جيڪڏهن ائين چئجي ته وتايو ۽ سندس طريقي وارا فقير ڪنهن به انساني درد جي ڪا دوا نه آهن، البت هڪ قسم جي روحاني "ائسپرو" جيان عارضي طور انسان جي درد سري ۽ ٿڪاوٽ دور ڪري، ڪيس آٿت ڏيئي، تازدم ڪن ٿا ۽ بس.

علي احمد بروهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وتايو فقير ۽ نصيرالدين هوجا
۽ سي ـ ڪبايان

ملائيشا ۾ هن پاسي 'سي ڪبايان' جا قصا ائين مشهور آهن، جيئن پاڻ وٽ سنڌ ۾ وتائي فقير جا يا ترڪيءَ پاسي نصيرالدين هوجہ جا. فرق فقط اهو آهي تہ وتائي فقير کي هر وقت پنهنجي رب سان شڪايت هئي، جڏهن تہ نصيرالدين هوجہ کي پنهنجي سس سان. پر سي ڪبايان کي وري پنهنجي سهري سان ـ جيڪو پاڻ وري پنهنجي نائي (سي ڪبايان) مان بيزار هو.

اسان جي سنڌ ۾ مثال مشهور آهي تہ وتايو فقير پنڌ ڪري جڏهن ٿڪجي پيو تہ پنهنجي اپاڻُهار کي ٻاڏايائين تہ منهنجا مولا پنڌ ڪري ڪري ٿڪجي پيو آهيان. هن جهنگل ۾ ڪا سواري ڏيار تہ ان تي چڙهي ڳوٺ تائين پهچان.

ٿوري دير اڳتي هليو تہ ڏٺائين تہ هڪ پوليس واري جي گهوڙي وچ رستي تي ڦر ڄڻيو بيٺي هئي ۽ پوليس وارو ڪنهن واڇڙوءَ جي ڳولا ۾ هو جيڪو سندس مدد ڪري. وتائي کي ڏسي هڪل ڪيائين: "اڙي هيڏانهن اچ. هي ڦر تہ ٿاڻي تائين ڪڍائي هل."

وتايو ڦر ڪلهي تي رکي چپن ۾ پڙڪيو: "منهنجا مولا سڻين ٿو پر سمجهين نٿو. مون چيومانءِ تہ مون کي پنهنجي چڙهيءَ لاءِ سواري کپي، جنهن تي آئون چڙهي ڳوٺ پيڙو ٿيان يا سواري منهنجي مٿان چڙهي هلي."

اهڙيءَ طرح ڳاهي بہ ڳاهي وتايو رب سان پيو شڪوه شڪايت ڪندو هو. ڪڏهن سندس دعا سان ڳڏهہ بجاءِ ڳئون مرڻ تي، تہ ڪڏهن گهر ۾ اُن ڪنڻ تي. بهرحال وتائي فقير جي رب سان شڪايت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلنديءَ رهنديءَ هئي، پر وري ڏسبو تہ خلق ۾ رب جي نانءَ جي بي قدريءَ تي سندس اندر بہ سڙيو ٿي، جڏهن گدري وڪڻندڙ کي تڪي عيوض پلو گدرو ڏيندي ڏٺائين ۽ رب جي نانءِ ڦٽل سٽل گدرو ڏيندي ڏٺائين تہ خدا کي چيائين: "اجهو خلق ۾ تنهنجي نانءَ جو قدر تڪي جيترو بہ ڪونهي رهيو."

وري وڏيري جي ونگار لاءِ ماڻهو ڪنا ڪندڙ ڪمدار جي رويي تي، جنهن پاڙي جي ڪنهن تڦنگ جو ماڻهو سڏائيندڙ کي تہ وچڻ ڏنو پر وتائي فقير جو رب جو ماڻهو سڏايو تہ ڪٽي ونگار لاءِ سوگهو جهلائينس، ان تي فقير کي مٺيان لڳي تہ زماني جي وڏيري جي ماڻهو جي عزت هر ڪو پيو ڪري، پر جيڪو سڄيءَ ڪائنات جو مالڪ ۽ خالق آهي ان رب جي ماڻهوءَ کي هر ڪو پيو ڏڪاري ۽ ستائي.

اهڙا انيڪ قصا آهن، جن رب پاڪ جي بي قدريءَ تي ڪيس عبرت تي اچي ۽ هو ان جو اظهار پنهنجي انداز ۾ ٿو ڪري.

نصيرالدين هوجا جا بہ وتائي فقير ۽ سي ڪبايان وانگر ٽوٽڪا مشهور آهن. پرانهن مان لڳي ٿو تہ هن غريب جي سس تمام ڏنگي طبيعت جي هئي ۽ ڪيس چڱو چتو ڪيو هئائين، ايتري قدر جو هوءَ جڏهن درياهہ ۾ ٻڏي ويئي تہ سندس لاش کي نصيرالدين درياهہ جي وهڪ ڏي نہ، پر ابتي طرف ڳولڻ لڳو. واٽ ويندڙن ڪيس سمجهائيندي چيو: "بابا جنهن پاسي درياهہ جو لاهہ آهي، لاش کي ان پاسي ڳولڻ کپي. مٿي ڪوهہ پيو وڃين؟"

نصيرالدين معصوم صورت ناهي چيو: "يارو توهان کي منهنجي سَسُ جي خبر ناهي تہ هوءَ ڪهڙي ڦريل دماغ جي عورت هئي. هوءَ هميشہ الٽو سوچيندي هئي، سو پڪ ٻڏڻ بعد ابتو پاسو ورتو هونداٿين."

هڪ رات ملان نصير اوچتو آڌي رات زال کي رڙ ڪئي، پاڳن پري اٿي عينڪ تہ ڪٽي ڏي تہ پائي سمهان. زال وراڻيس: پلا عينڪ پائي سمهڻ ۾ وري ڪهڙي حڪمت سُجهي اٿئي. ملاڻ وراڻيو: مون خواب ۾ هڪ عورت کي دوزخ ڏانهن ويندي ڏٺو آرين پارين ماڻهين جهڙي هئي، پر چٽي نظر ڪانہ ٿي آيم. سو سوچيان ٿو تہ وري اجهو ٿي نظر اچي، سو عينڪ پائي سمهان تہ جيئن چٽي نظر اچي ۽ پڪ ڪري

وٺان ته پوءِ توکي ٻڌايان ته اڇهو ماڻهين جي پرڪارن ڪري سندس اڳئين جهان ۾ اهو حشر ٿيڻ وارو اٿئي.

سو ملان نصيرالدين سس تي پيو سڙيون ٻوٽيون ڪائيندو هو. ڪيس لوئڻ جو ڪو موقعو هٿان ڪونه وڃڻ ڏيندو هو جو سسٽس شايد اهڙي ڏنگي هئي.

اهڙيءَ طرح سي ڪبايان جا قصا به مشهور آهن. پر هي همراهه وري پنهنجي سهري مان بيزار هو جنهن کي وري پنهنجي نائيءَ کان هر وقت اها شڪايت هئي ته هو سست آهي، ٿوٿي جو ٿوٿي آهي، ڪو ڪم نٿو پڄيس وغيره وغيره. ان ڪري سهرو ڪبايان سان جٽيون ڪندو وتندو هو پر ڪڏهن ڪڏهن آخر چوٽ ڪبايان بدران سندس سهري کي ٿي رسندي هئي، جيئن هن ڪهاڻيءَ مان لڳي ٿو.

هڪ ڏينهن ڪبايان کي سندس سهري گاهه ڪرڻ لاءِ ٻنيءَ تي موڪليو. ٿوري دير بعد جڏهن به وڏيون پريون گاهه جون ٿي ويون ته هو گهر ڏي موٽڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. گاهه جون پريون چڱيون ڳريون هيون ۽ هن کي پنهنجي سهري جي گهر تائين انهن پرين سان گڏ پنڌ موٽڻو هو. بهرحال هڪ ڊگهي ڪاٺي ڪٽي هڪ هڪ پري هڪ ڪنڊ کان ٻڌي ڪنواٺيءَ وانگر ڪاٺيءَ جو وچ ڪلهي تي رکي هلڻ لڳو. گاهه جي گهٽي وزن ڪري ڪاٺي هن جي ڪلهي تي وڍ وجهي رهي هئي ۽ ڪيس رکي رکي ساهي پٽڻي ٿي پيئي.

ڪجهه دير هلڻ بعد اوچتو هن کي پري کان هڪ گهوڙو نظر آيو جيڪو سندس سهري جو هو ۽ اهو چرندو واپس گهر ڏي وڏي رهيو هو. سندس ڳچيءَ ۾ لغام به پيل هو. ڪبايان گاهه جون پريون رکي گهوڙي ڏي ويو ۽ لغام کان جهڪي گاهه وٽ وٺي آيس. پوءِ گاهه جون ٻئي پريون مٿانئس رکيائين ۽ پاڻ گهوڙي پٺيان آهستي آهستي هلڻ لڳو. گهرپهچڻ کان اڳ رستي تي هڪ ٽڪري آئي ٿي، جيڪا چڱي خاصي اتاهين هئي ۽ ڪبايان پنهنجو پاڻ ۾ مٿي چڙهڻ جو سَتُ نه پئي ساريو سو گهوڙي کي بيهاري پاڻ به ان جي پٺيءَ تي گاهه جي پوريان تي ويٺو.

گهوڙو آهستي آهستي ٽڪريءَ تي چڙهڻ لڳو. ٿورو مٿي چڙهڻ بعد گهوڙي جي رفتار اجا بہ گهٽجڻ لڳي. ڪبايان ڪي خيال آيو: ”گهوڙو شايد ٿڪجي پيو آهي. اهو منهنجي سهري جو گهوڙو آهي ۽ جي هو ٿڪل ٿڪل گهر پهچندو تہ سهرو مون تي ڪاوڙبو. تي سگهي ٿو تہ هن ڪي هن وقت گهوڙي تي چڙهي ڪيڏانهن وڃڻو هجي ۽ غريب گهوڙي تي واقعي گهڻو بار آهي- گاهہ جي ٻن پرين کان سواءِ منهنجو وزن پڻ ان تي آهي.“

ڪجهہ دير سوچڻ بعد ڪبايان ڪي دماغ ۾ هڪ رٿ آئي، سو ٻئي گاهہ جون پريون گهوڙي جي پٺيءَ تان ڪٽي ڪنوائيءَ ذريعي وري پنهنجن ڪلهن تي ڪٽي رکيائين. وزن ڪري ڪِنجهندو ڪرڪندو گهوڙو نيٺ سندس سهري جي گهر تائين پهتو. سهري گهوڙي مٿان ڪبايان ۽ ان مٿان گاهہ جون پريون ڏسي تعجب مان پڇيو: اڙي ڪبايان هي ڇا تماشو ڪيو اٿئي؟ گهوڙي مٿان چڙهي گاهہ وري پاڻ تي رکيو پيو اچين!“

ڪبايان معصوميت مان وراڻيو: ”چاچا ڳالهہ هيءَ آهي تہ مون ڪي خبر آهي تہ توهان جي گهوڙي ڪي گهڻو بار ڪٽائيندس تہ توهان جو گهوڙو ٿڪجي پوندو ۽ توهان مون تي ڪاوڙ ڪندو. ان ڪري مون سوچيو تہ گاهہ آئون ٿو ڪٽي هلان ۽ گهوڙو فقط مون ڪي ڪٽي هلي.“

بهرحال ڪبايان ۽ سندس سهري جا ڪافي قصا مليشيا طرف مشهور آهن، ۽ اهڙو ڪونہ ڪو ڪردار هر خطي جو هوندو آهي، جنهن جا ٽوٽڪا ۽ نڪتا ماڻهو لاءِ ڪل پوڻ سان گڏ نصيحت وارو ڪم پڻ ڏيندا آهن. ان مامري ۾ اسان جو وتايو فقير سڀني کان سرس آهي.۽ سندس هر ٽوٽڪي ۾ ڪانہ ڪا نصيحت پري ڳالهہ سمايل هوندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ ۾ لاڙ کان اتر تائين ڪو اهڙو ماڻهو ورلي ليپي، جنهن کي وتائي فقير جو ڪونہ ڪو نقل برزبان ياد نہ هجي.

الطاف شيخ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وتائي فقير جا ڏاهپ ڀريا ڏس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمنڊ کي مينهن جي ڪهڙي ضرورت؟

هڪ ڏينهن وتايو لاڙ پاسي سمنڊ ڪناري بيٺو هو. ڏسي ڪٿي ته سمنڊ مٿان مينهن پيو وسي، سُڪيءَ تي هڪ ڦڙي ڪانه پئي ڪري، سو منهن مٿي ڪري چيائين: ڏاڍو زور وارو آهين! پاڻيءَ کي پاڻيءَ جي ڪهڙي ضرورت؟ هن فقير جو اهو چوڻ، مينهن بند ٿي ويو پوءِ ڪيترائي پاڻيءَ جا جيت جڻيا ۽ جانور ڳاٽ ايا ڪري ٻاهر نڪري آيا. ايتري ساري مخلوق ڏسي، فقير چيو: مون کي اها خبر ڪانه هئي. آءٌ ڀلا تو جيترو ڪيئن ڄاڻي سگهندس!

***

اِجها توهان جي مُرشد جي جُتي!

ڳوٺ ۾ هُل هلاچو هُليو ته فلاڻو بزرگ، فلاڻي ذات وارن جو مرشد اچي لٿو آهي، ڏاڍو خدا جو پهتل ۽ ڪانيءَ ڪرامت وارو آهي. وتائي کي دل ۾ خيال آيو ته، آءٌ به ڇو نه وڃي سندس زيارت ڪريان، سو فقير جُتي پرپري لاهي، مرشد جي ڪٿ پرسان ويهي، انهيءَ جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳو. هن کي مرشد جي ڪابه ڳالهه ڪانه آئڙي، سو ڪچهريءَ مان اٿي وڃڻ لاءِ يار تي بيٺو. جان ڪٿي نظر ڊوڙائي ته ڇا ڏسي ته، جُتي هجيئي ڪانه، موٽي وري اچي ساڳيءَ جاءِ تي ويٺو اتي مرشد جي چانديءَ سان مڙهيل جُتي رکي هئي. فقير ان مٿان پلٿي ماري ويٺو. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ، مرشد ڪم سانگي اُٿيو ۽ جُتي ڳولڻ لڳو. وتايو ماٺ ڪيو ڪنڌ هيٺ ڪيو جتيءَ تي چڙهيو ويٺو رهيو. چوڌاري چؤ پچوءَ هلي ته، مرشد جي جُتي نٽي ليي، ڪنهن کنئي آهي؟ جنهن ماڻهو وتائي جي جُتي کنئي هئي، تنهن سمجهيو ته شايد ڀُل ۾ مون مرشد واري جُتي کنئي

آهي، سو چوڻ لڳو: اِجها اِجها، هيڏانهن پٽي آهي، مرشد سائين جي جُتي. هو جڏهن جتي ڪٽي ڪٿ جي ويجهو آيو ته فقير چيو: ادا، اِها منهنجي جُتي آهي ۽ پنهنجي هيٺان جُتي ڪڍي چيائين: هيءَ آهي توهان جي مرشد جي جُتي ۽ جنهن ڪي جُتيءَ جو سماءُ نٿو پوي، تنهن وٽ ڪهڙي ڪاني ڇاجي ڪرامت؟

***

چڱو جو وڻ ۾ ڇانهين نٿي ٿئي!

هڪڙي ڏينهن وتايو ٽڪجي ڪنهن ٻير جي وڻ هيٺان اچي سُتو. متي ٻيرن کي ڏسي چوڻ لڳو: هي وڻ به انبن جي وڻ جيڏو آهي. ان ۾ وري ٻير پتڪڙو پيدا ڪيائين. قرت واري جي هيءَ ڪاريگري سمجهه ۾ ڪانه آئي. تنهن کان به عجب جي ڳالهه هيءَ آهي، ڇانهين وري ول ۾ پيدا ٿو ڪري، جيڪا وٽن ۾ پيدا ٿئي ها ته واهه جو ڪم ٿئي ها. وڻ ۾ جڻ لوٽا لٽڪيل نظر اچن ها. ايتري ۾ هڪڙو ٻير اچي ٽڪڻ تي ڪريو ته مٿو ڪنهڻ لڳو. يڪدم بيان بدلايائين: آءٌ ڀُليل آهيان، هي ننڍڙو ٻير به ڦهر ٿو ڪري، چڱو جو انهيءَ وڻ ۾ ڇانهين ڪونهي. متي آسمان ڏي نظر ڪري چوڻ لڳو: پنهنجي ڪاريگري پاڻ ڄاڻ، منهنجي چريائيءَ تي متان لڳين.

***

مون کي نماز ياڻ نٿي پوي!

ڀاڙي جي ملان تمام چڱيءَ ريت وتايي کي هدايت ڪئي، ته مسلمان کي نماز باقاعدگيءَ سان پڙهڻ گهرجي، جيڪو نماز نٿو پڙهي، سو مسلمان ئي ناهي. اُتي هلي نماز پڙهه. وتايو ساڻس گڏجي نماز پڙهڻ ويو. اجا فرض مس جوڙيائون ته، پنيان واڪو ٿيو: "وتايا ڪٿي آهين؟ ڊوڙي آءٌ تنهنجي گهر جي لوڙهي کي باهه لڳي آ" اهو آواز ٻڌي، نماز کي اڌ ۾ ڇڏي، فقير گهر ڏانهن ڀڄندو ويو ۽ چوندو پئي ويو ته ملي کي گهٽائي پيرا چيو اٿم: ادا، توهان واري نماز مون کي ياڻ نٿي پوي، تڏهن به پڇر نٿو ڇڏي، هاڻ ٿئي خوش. هن يار جا

ڪم ڏس، مون کي ملي جي معرفت نماز ۾ رنپائي: پوپان منهنجو گهر پيپو رک ڪري.

***

خدا ڏيندو ته واپس ڏئي ويندس!

وتائي سان ماڻس شڪايت ڪئي ته، ابا، تنهنجي اچڻ جو نه پرو نه پتو مان تولاءِ ماني پچائي ٿي رکان ته ڪتا کنيو وڃن. جي ڪوٺيءَ کي دروازو هجي ته ڪڙو ڏي سانديي رکي ڇڏيان. پوءِ پل اويل سويل گهر اچين ته پنهنجي ماني ته کائين. هن چيو: اجهو در کٽي ٿو اچان. تڪڙو تڪڙو ويو مسيت جو در پٽي گهر کڻي اچي پنهنجي ڪوٺڙيءَ جي ٻنيي تي هٽي ڇڏيائين. مسيت جو مُلان جو نماز لاءِ مسجد آيو ته مسجد جو در پٽيل ڏٺائين. ڪنهن ٻڌايس ته در وتايو فقير پٽي کڻي ويو. ملان ڪاوڙ مان تکو تکو وتائي وٽ آيو. سڏ ڪري چيائين: "ميان جا فقير تون ته هاڻ ماڳهين ارڪانن مان نڪرندو پيو وڃين. توکي شرم ڪونه آيو جو خدا جي گهر جو دروازو لاهي اچي پنهنجي گهر تي چاڙهيو اٿئي؟" وتائي چيو شرم ته گهڻو ٿي آيم، پر ماني ڪتا کنيو ٿي ويا. سوچيم ته، جڏهن مون کي دروازي جيتري توفيق ٿيندي، تڏهن دروازو واپس وڃي رکندس، ڇو ته مون کي ڏيڻ وارو به ته اهو ئي آهي، ڪيس خبر آهي ته وتائي وٽ در ڪونهي، پيو ته نهيو در نه هجڻ ڪري مانيءَ لاءِ محتاج آهي. ملان چيو: آءُ در لاهيو ٿو وڃان. وتائي وراڻيو: در اهو لاهيندو جنهن جو آهي، باقي تون ٻڌاءِ تنهنجو ساڻس ڪهڙو لاڳاپو آهي. ساڻس ڪهڙي متي ماڻني اٿئي، يا توکي خود پاڻ چيو اٿس ته مون ۾ سگهه ڪانهي، تون وڃي وتائي کان وڙهي گري منهنجي گهر جو دروازو ڇڏاءِ! ايتري ۾ ماڻهو اچي گڏ ٿيا. ملان خار مان وتائي کي گاريون ڏيڻ ۽ وڦلڻ لڳو. وتائي وراڻيو: هن کي جهليو مون هن جو ڪوبه ڏوهه ڪونه ڪيو آهي. هي پاڻ کي سرخرو ڪرڻ لاءِ خدا جو عيوضي پيو سمجهي. مون کي خدا ڏيندو ته (در) واپس ڏئي ويندس، هينئر ڪجهه ڪونه ورندس.

***

اها ڳالھ تہ وري ڪرين ها!

پاڙيوارين ماين جو وتايي جي ماءُ سان قرب هو اويل سويل وٽس پيون ايندڀون وينديون هيون. هڪ ڏينهن وتايو لوڙهي ۾ ويٺو هو تہ، هڪ پاڙي واري ماٽس سان ملڻ آئي. لهواريون اوپاريون ڪندي چيائينس: وتائي جي مڱ وينئي وتائي جون واتون ڏسندي هوندي، ادي ڪانئن گهر تہ ڪريو. ايئن وينئي تہ وتائي جو مٿو اچو ٿي ويندو. ويچارو سَتون ڪائيندو پيو گهمي. ماٽس وراڻيو: پٽس هندو هو تڏهن مڱايو هئائين، پوءِ مسلمان ٿياسين. هاڻي اسان ڪي سڱ ڪيئن ڏيندا؟ وري وتائي ۾ ڪو ڪمائيءَ جو گُر بہ ڪونهي، جو ٻئي ڪنهن ڪان سڱ ڪٽي گهران ۽ پوءِ وري پيون ڳالهيون ڪ ۓ لڳيون. جڏهن مائي اُٿي وڃڻ واري ٿي تہ، وتائي وڏي اچي مائيءَ ي چيو: ماسي، اڳين سيٽن ڪان سڱ گهرڻ واري ڳالھ تہ وري امان سان ڪر نہ. مَن مڙي بہ پون!

***

ڏڱيءَ لاءِ نوڙي ٿو وٽيان!

هڪڙي ڏينهن وتايو سَر پٽي آيو انهن ڪي سٽي ڪُٽي رسو وٽڻ ويٺو. هن جي ڏڱيءَ جو رسو بنهين ڪُسِي ويو هو سو گهر پاهران ويٺي اهو ڪم ڪيائين، اتان جيڪو ٿي مٽيو تنهن ٿي پڇيس: فقير، ڪهڙي ڪِرت ويٺو ڪرين؟ چيائين: ڏڱيءَ ڪاڻ رسو پيو وٽيان. جڏهن هر هڪ کي جواب ڏيندي، ڪڪ ٿيو تہ، وٽي ڪوڪِريا ڪرڻ لڳو. چي: ڳوٺ ’جا ماڻهو جلد اچي مڙو نہ تہ اجهو ٿي قيامت اچي. ماڻهو ڊوڙندا آيا. فقير چا ٿيو آهي، چاجو ڪٽي هُلُ مچايو اٿئي؟ چيائين: آءٌ اوهان هڙني ڪان ٿو پڇان تہ، هينئر ڏينهن آهي يا رات؟ سڀني چيو: ڏينهن. پوءِ چيائين: ڏينهن ۾ انڌيرو يا اونداھ تہ ڪانهي؟ مڙني چيو: نہ. تڏهن چيائين: جيڪو لنگهي ٿو سو ور ور ڏئي پيو پڇي: وتايا چا ويٺو ڪرين؟ هاڻ سڀ ٻڌي بہ ڇڏيوءِ ڏسي بہ ونو تہ، مان ڳئون لاءِ رسو ٿو وٽيان.

***

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنا اجوري ڪٽيو پيا هلون!

وتائي جا ڪپڙا ميرا ۽ ڦاٽل هئا، سو هڪڙي ٽڙ وٽان اچي مٿيو. ڪن زالن ٽڙ تي ڪپڙا پئي ڌوتا. هڪ پوڙهيءَ عورت وتائي کي ڏسي چيو: تون ته ڪو مت جو موڙهو آهين، هن زالن جي ٽڙ وٽان ڇو اچي لنگهيو آهين؟ ڏس ته ڪپڙا ڦاٽا پيا اٿئي، وَسلا پيا ڏسجنئي. فقير چيو: سچ ٿي چوين، اهي وَسلا آهن اوهان جا، اسان ته بنان اجوري ڪنيو پيا هلون!

***

ڪنهن به ڪونه چيو....

هڪڙي گهمري، وتائي جي ماءُ سخت بيمار ٿي پئي، ڪاٺ پيٺ ڇڏي ڏنائين، وتائي کي پڪ ٿي ته امان مري ويندي، سو سندس سيرانديءَ کان ويهي پار ڪڍي روئڻ لڳو. وتائي پئي چيو: جيجل توکان سواءِ هن دنيا ۾ پورڙي ڇريي جو ڪوبه نه مت نه مائٽ، نه اوهي نه واهي! وتائي کي اڪيلو ڇڏي نه وڃجانءِ! مون کي پاڻ سان گڏ وٺيو هَلُ. هن جي آلاپن تي پاڙي جون ڪيتريون ئي مايون اچي ڪٺيون ٿيون. انهن مان هڪ ڪُراڙيءَ وتائي جي مٿي تي هٿ رکي چيو: ٻچڙا، هلڻو هر ڪنهن کي آ، ماءُ مٿان ڪروڌ نه ڪر. ڪُتيءَ جو نه ڪو ويج نه طبيب. اسين هيتريون ساريون تنهنجون مائرون ويٺيون آهيون، پيون تنهنجي سار لهنديون سين. وتائي چيو: آءٌ انهن گشن تي ڪِيئن اعتبار ڪريان؟ جڏهن منهنجي زال مُئي ته، ڪنهن به ڪونه چيو: ڳڻتي نه ڪر، ايري سيري، رَنڙ سَنڙ مڙيئي هڪڙي زال تنهنجي مٿي ۾ هٿي ڇڏينداسين. اها امڙ ئي آهي، جيڪا چوندي رهندي آهي ته، پٽ رو نه، آءٌ تنهنجي ٻي شادي ڪرائيندس. پنهنجي سڪيلڏي جو سڳ هٿ ڪندس، توکي نچي ڪڏي پرڻائيندس، سو امان جهڙا وچن ۽ دلداريون پيو ڪير ڏيندو؟ انهيءَ گفتي تي ماڻس مرڪي اکيون پٽيون، ته فقير به خوش ٿيو.

***

فقير دال کائي دنگ ڪري تہ
ڪُنو منھنجي ٻوٽ تي ھمائج!

هڪڙي عورت، جنھن جو وتائي فقير ۾ سچو دلي صِدق هو فقير جي عزت احترام بنھہ گھڻو ڪندي هُئي، روز وٽس اچي دعائون ۽ ڏاڳا ڦيٿا ڪرائي ويندي هئي. هڪڙي ڏينھن فقير وٽ آئي تہ، وٽس ٻيو ماڻھو بہ ويٺو هو. هن پئي چيس: وتايا، تون الائجي ڪيڏي مھل ٿو ماني کائين، مون کي تہ ڏاڍي اچي بُک تپايو آهي. وتائي چيس: ڳر نہ، الله روزي آسمان تان بہ موڪلي ڏيندو. اهي حرف ٻڌي آيل عورت کي دل ۾ آيو تہ، سدائين پئي فقير کان سڳا وٺايان. اڄ هن وٽ مھمان بہ آهي ۽ مانيءَ جي گھڻي طلب بہ اٿس، چو نہ کٽي آءٌ پيٽ جھل ڪرايانِ. فقير کي چيائين: توهين ٻئي اٿو منھنجي گھر هلي خدا ڪارڻ پير بہ گھمايو ۽ دعوت بہ کائو.

فقير سنگتيءَ کي چيو ڏٺئي، مون وٽ رُکي سُڪي ماني ملئي ها، هاڻ الله ياڳ ورايو اٿئي، هن مائيءَ جو مون سان ججھو قرب آهي، دل جان سان دعوت ڪئي اٿس، هل تہ هلون. مائي کين گھر وٺي آئي، عزت احترام سان ويھاريو ۽ سانجھ ڪرڻ لڳي. مانيون پچائي دال رڌي ٻاهر نڪتي تہ وتائي جي سنگتيءَ بک کان تيھلاڙا پئي ڏنا، مائيءَ سندس پر ۾ اچي آهستگيءَ سان پڇيو ادا فقير لاءِ تہ دال رڌي اٿم، بس لھڻ تي آهي، اُهو تہ دال شوق سان کائيندو پر پلا ڏس تہ تون ڇا کائيندين؟ هن چيو: فقير لاءِ ڌل سان دال رڌي اٿئي يا چرچو ٿي ڪرين؟ چيائين: اهو منھنجو مرشد آهي. منھنجو مٿانس ساھہ بہ قربان آهي، تون پنھنجي ڳالھہ ڪر. هن چيو: جنھن جي مٿان ساھہ صدقي ٿي ڪرين، تنھن کي دال ٿي کارائين تہ پوءِ فقير دال کائي دنگ ڪري تہ اهو ڪُنو جنھن ۾ دال رڌي اٿئي، منھنجي ٻوٽ مٿان گھمائي ڇڏج، مون کي بہ ڍؤ ٿي ويندو.

***

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀوڙ ماني ڪائيندين يا کُورما؟

وتائي جو هڪڙو معتقد ماڻهو ڪيس دعوت ڏيئي، پنهنجي ڳوٺ وٺي ويو. هن کي خيال آيو ته فقير سدائين سادي سودي ماني پيو کائي، اڄ ڀانئيان ته کيرڪون يعني: کير ڪارڪون جن کي کُورما به چون ٿا، رڌائي کٽي ڪارايانس. لذيذ طعام کائي خوش ٿيندو ۽ دل سان دعائون ڪندو سو ماني ٺاهڻ کان اڳ فقير کان پڇيائين: درويش ڀوڙ ماني کائيندي يا کورما؟ فقير ٽيپيءَ ۾ پئجي ويو. جو کُورما نالو اڳ ٻڌل ڪونه هوس، سو امالڪ چيائين: خورما. ميزبان زال کي چيو اڄ فقير پاڻ وٽ مهمان آهي، سو هن لاءِ خورما تيار ڪر. زال مڙس کي حاضر چيو. دل ۾ چيائين: ڪير ٿو ويهي اهڙيون تڪليفون ڪري، هن درويش کي ڪهڙي کُورمن جي خبر. پوءِ دال رڌي، وٽو ڀري، فقير ڏي مڙس هٿان ڏياري موڪليائين. فقير ڍڪ لاٿو ته دال رڌل ڏٺائين. ڏسي چوڻ لڳو: آئي حيف هجئي! اسان وٽ ڪونجين "ڏاري دال"، هتي وري خورما نالو بدلائي اچي اڳ ورتو اٿئي.

***

مئي سهاڻي، پر ڏنن ڪنهن کي ڪانه

هڪ ڀيري وتايو فقير ڪيڏانهن وڃي رهيو هو. واٽ تي ڏٺائين ته ڪي ماڻهو لاش کنيو پيا اچن. ويجهو وڃي ڪانڌن پڇيائين: "ادا ميت ٻار جو آ يا وڏي جو." ڪنهن ڪانڌيءَ وراڻيو: "وڏي جو." فقير پڇيس. "ادا ڀلا ميت عورت جو آ يا مرد جو." ڪانڌيءَ وراڻيو: "عورت جو".

وتائي پڇيو: "ڪنواري يا پرڻيل؟" ساڳي همراهه وراڻيو: "ادا، ڪنواري هئي." ان تي هڪدم چيائين: "مئي سهاڻيون، پر ڏنن ڪنهن کي ڪانه!"

***

چورن جو اڳ جهلڻ

هڪ دفعي وتائي جي ڳوٺ مان چوري ٿي ويئي، ڳوٺاڻا چورن جا پير کڻي نڪتا، پر وتايو هڪدم ڊوڙي وڃي قبرستان جو در وٺي ويهي

رهيو. ماڻهن پڇيس: ”فقير ڪر خبر! هتي ڇا ويٺو ڪرين؟“ ڇيائين: ”ادا، چورن جو اڳ ورتو اٿم! نيٺ هتي ئي ايندا!“

انهيءَ ڏينهن ڪان پوءِ سنڌيءَ ۾ اها چوڻي عام ٿي ته، ”واهه جو وتائي فقير وارو اڳ جهليو اٿئي!“

***

تنهنجي نالي تي.....

وتائي فقير ڳدرن جي موسم ۾ هڪ گهوڙاڙوءَ کي ڳدرا وڪڻندي ڏٺو ته سندس ساهه سٽ ڪاڍي، سو کيس چيائين: ”ٻيلي خدا جي نالي ڳدرو ته کاراءِ!“ ان تي هن اول ته مُنهن سجايو پر پوءِ ڪنو منهن ڪري هڪ ڦتل ڳدرو ڪڍي فقير کي ڏنائين. فقير کي هن جي اهڙي روش تي مٺيان لڳي، جو هن رب پاڪ جي نانءَ تي ٻيڇڙو منهن ڪري چوندي خراب ڳدرو ڏنو هيس، سو هن يڪدم ڪيسي مان ٽڪو ڪڍي گهوڙڙي کي ڏنو ۽ چيائينس: ”هن جو به ڳدرو ڏيم.“ ڳدرا گهوڙڙي هڪ سٺو ڳدرو چونڊي ڪڍي ڏنس. ڳدرو وٺي آسمان ڏي نهاري چيائين: ”تنهنجي نالي تي جيڪو مليو اٿم سو به ڏس ۽ جيڪو ٽڪي ۾ ورتو اٿم سو به ڏس. مان ڇا چوانءِ! پاڻ ڄاڻين ته ماڻهن وٽ تنهنجي نانءَ جو ملهه ڇا وڃي رهيو آهي!“

***

عشق

هڪ ڏينهن وتايو فقير پنهنجي هڪ دوست سان اوڀاريون لهواريون ڪري رهيو هو ته، ڳالهين ڪندي ڪندي اچي عشق جي ڳالهه نڪتي.

فقير پڇيس: ”عشق ڇا آهي؟“

دوست چيس: ”فقير عشق دل جي وندر ۽ روح جي راحت آهي، جنهن کي اندر ۾ عشق ناهي، اهو انسان ڄڻ جاڻو ئي ڪونهي.“

ان تي فقير وراڻيو: ”يلا اهو عشق ڪنهن سان ڪبو آهي ۽ ڪيئن ڪبو؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوست چيس: ”فقير مرد جو عشق هميشه عورت سان ٽيندو آهي ۽ ان کي متوجهه ڪرڻ جا ڪيترائي طريقا آهن. پر هڪڙو تہ صفا سولو آهي، ان کي پهرين سنهو پتر ڪٽي اشارتن هٽبو ۽ پوءِ جيئن ئي مڙي مُرڪي نهاري تہ سمجهہ ٿهي وئي!“ اهي خبرون چارون ڪري ٻئي موڪلائي پنهنجو پنهنجو گس وٺي راهہ جا راهي ٿيا.

فقير ڪنهن ڏينهن گس وٺيو پئي ويو تہ ڏٺائين، هڪ عورت اڪيلي پئي وڃي، صورت ۾ بہ موچاري آهي. دل سرڪيس، سو دوست جي عشق واري ڳالهہ ياد اچي ويس. هن ان رمز کي آزمائڻ لاءِ چڱو موچارو پتر ڪٽي نڪاءُ ڪرايائين مائيءَ سڳوريءَ کي، جو وڃي ڪيس لوئنڊڙيءَ ۾ لڳو. ويچاريءَ وڃي پٽ تي ڦهڪو ڪيو ۽ ڏندڙجي ويئي.

فقير ويجهو ويس ۽ ان ڏي نهاري چوڻ لڳو: ”مون تو کي پتر هنيو عشق ڪرڻ لاءِ تہ اشارو سمجهي مرڪين، تون وري ڏند پئي شيڪين.“

***

دعا

هڪ ڏينهن وتايو ڳوٺ جي گهٽيءَ مان پئي گذريو تہ هڪڙيءَ مائيءَ وتائي فقير جو اڳ ڪٽي جهليو. چوڻ لڳس: ”فقير چوڪر ڏاڍو ٿو رئي، سو دعا ڪر تہ روئڻ ڇڏي!“

فقير جواب ڏنس: ”مائي جيڪي هوندا سي روئندا ۽ جي نہ هوندا تہ سندن پويان روئيندا.“

***

وڏو در

هڪ ڏينهن وتايو فقير مسجد وٽان لنگهيو تہ ڏٺائين تہ ڪا مائي مسجد جي در تي بيٺي دعا پئي گهري ۽ ٻاڏائي پئي چوي: ”وڏا در الله جا! پاند پناهہ جو ڏجانءِ!“ اهو ٻڌي وتائي هڪدم چيس: ”مائي سڳوري، وڏا در تہ اوهان جا آهن، جن پيغمبر، پير ۽ فقير پيدا ڪيا، جن اچي هي مسجدون آباد ڪيون.“

***

سوناري ۽ وتايو

هڪ ڏينهن هڪ سونارو واپار جي نيت سان سفر لاءِ نڪتو ته واٽ تي وتايو به ملي ويس، پنهي جي منزل ساڳي هئي، سو سفر جا ساٿي بنجي نڪري پيا. سوناري ته سمجهيو هو ته سفر ۾ هڪ ڪان به گڏ چڱا، سو سونارو ۽ وتائي فقير سان مسافريءَ لاءِ رلجي پيو هو. پنڌ ڪندي ڪين سج لهي ويو. رات جو فقير رستي تي ئي ليٽي پيو پر سوناري وٽ هڪ سؤ رپيا هئا، سو پاسو وٺي وڇي سمهي رهيو. لڙيءَ رات ڪي چور اچي اُتان لانگهائو ٿيا. ڪين ڪو شڪار ڪونه لڳو هو ويتر جو هن فقير کي فقيراڻي حال ۾ رستي تي ستل ڏٺن ته هڪ همراهه ڪاوڙ مان ٺڏو هڻندي چيس: "سڄان سڄان وچ رستي تي ستا پيا آهن."

فقير اکيون مهٽي اُٿيو ۽ چوڻ لڳس: "سنڀالي ڳالهاءِ! سڄان ڇو آهيون، منهنجو ته خير آهي، باقي پريان جيڪو منهنجو ساٿي سونارو ستل آهي، ان جي هڙ ۾ روڪڙا سؤ رپيا آهن!" اهو ٻڌي چور سوناري کي ڦري ويا. سوناري کان پيسا کسڻ لڳا ته سونارو به جان ڇڏائڻ لاءِ چنبڙي پين، تنهن تي ٻه ٽي ٿڦ به کاڌائين. نيٺ چور پئسا ڦري راهي ٿيا. جڏهن اهي هليا ويا ته سوناري وتائي کي چيو: "واهه يار واهه! تو چڱو سفر جو ساٿ نڀايو. هٿ وٺي مون کي چورن کان ڦرايئي." وتائي چيو: "يار تنهنجا سئو روپيا ويا ته ٿيو خير. پر هوندي سوندي هرو ڀرو سڄائيءَ جو طعنو ڪونه سهبو."

***

مان ايوب صابر ڪونه آهيان

هڪ ڀيري وتايو فقير پنهنجو گس وٺي وڃي رهيو هو ته اوچتو پير ۾ ڪنڊو لڳس، ته وٺي اُپ ڏاريندڙ دانهون ڪيائين. سندس دانهن تي ڳوٺ جا ماڻهو اچي مڙيا ۽ ڪانئس پڇيائون: "فقير ڇا ٿيو؟" فقير ورانيو: "ادا ڏسو ڪونه ٿا، پير ۾ ڪنڊو چڀيو پيو آهي." هڪ همراهه

چيو: ”فقير هيڏڙي ڪنڌي لڱڻ ساڻ هيڏي هاڃ گهوڙا، ڪٿي سڄو ڳوٺ مٿي تي ڪنيو اٿئي، اسان سمجهو فقير سا ڪا وڏي ويڌن آهي.“ فقير وراڻيو: ”اُللهَ سائين جي اٽڪل جي توهان کي ڪهڙي خبر. آءٌ ڪو ايوب صابر ڪونه آهيان، هي يار هري هري ڪري مون کي سهسائي ٿو. هينئر ڪنڌو هنيو اٿس، سياڻي پالو هٽندو! سو هاڃ گهوڙا ڪري ٻڌايانس پيو ته، يار پاڻ ۾ ايترو سهڻ ڪونهي.“

***

ڏاڍي ڪان پري پلو

وتايو فقير پنهنجي روش موجب ڪنهن مسافريءَ تي پري نڪري ويو ۽ ڪيس ڪيترائي ڏينهن گذري ويا، واپس ڪونه وريو. سندس ماءُ ڇا ڪيو جو گهر جا ٽپڙ کڻي وڃي سيدن جي پاڙي ۾ ويٺي. جو ڪيس وتائي جي پرڪارن جي پروڙ هئي ته الاءِ جي ڪڏهن واپس وري، اڪيلي پئي پئي گهر پيو کائيس، سو سوچيائين سيد آهن پنهي جهانن جو اپر آسرو سندن پر وني تي ويهان. رولاڪيءَ کان واندو ٿي جڏهن وتايو مسافريءَ تان موٽي گهر آيو ته اچي ماڻهن کان پڇيائين: ”ڏيو خبر، امان ڪيڏانهن ويئي؟“

ڪنهن ٻڌايس: فقير تنهنجي ماءُ ته وڃي سيدن جي پاڙي ۾ گهر اڏيو آهي.“

وتايو تڪڙو تڪڙو وڃي ماءُ کي مليو. چيائينس: ”امان! هتي ڇو اچي ويٺي آهين؟“ ماڻس چيو: ”ابا هتي ٻنهي جهانن جا وسيلا آهن، تڏهن اچي سندن پاڙي ۾ پئي آهيان.“ وتائي چيو: ”امڙ ڦهر ڪري ڇڏيئي، ڏاڍي ڪان جيترو پري اوترو پلو! هاڻي جي سيد ڪاوڙجي، ته به وتايو مُنوءِ جي وتايو ڪاوڙجي ته به وتايو مُنو!!“

***

هڪ ڏيان نه...

هڪ ڏينهن وتايو فقير ڪنهن شاديءَ جي دعوت ۾ ويو جڏهن ڄاڃين يت ڪائي بس ڪيو ته اٿندا، پاهت ڏيندا ۽ پنهنجا پنهنجا نالا

لڪائيندا ٿي ويا. وتايو فقير به پاهت لڪندڙ جي پر ۾ اچي ويٺو ۽ ڪيس چيائين: ”لک وتايو فقير ڏهه روپيا!“ لڪڻ واري چيس: ”فقير پئسا ڏي ته نالو لکان نه.“ وراڻيائين: ”هڪڙو ته ڏيان نه، ٻيو نالو به نه لکايان ڇا!“

***

هو به خوش ۽ آءٌ به خوش

هڪ ڏينهن وتائي فقير وٽ ڪي مهمان اچي نڪتا. هن مسڪين وٽ هڙ ۾ ڪجهه به ڪونه هو جو کين ڪجهه وٺي کارائي. اوچتو هڪ ڇوڪر اچي چڻن جو هوڪو ڏنو. وتائي فقير کيس سڏ ڪيو ۽ سڀ چڻا ٻولائي کڻي مهمانن جي اڳيان رکيائين. جڏهن ڇوڪر پئسن جي گهر ڪئي ته اتنديئي به ٺٺڙ هٽي ڪيائينس. ڇوڪرو ويهي روئڻ لڳو. گهڙي گذري ته هڪ شخص آيو ۽ اچي وتائي کي ڏهه رپيا ڏنائين ۽ چيائينس فقير دعا ڪجانءِ! فقير هڪدم اٿيو ۽ ڇوڪري کي پئسا ڏئي روانو ڪري ڇڏيائين. مهمانن پڇيس: ”فقير تو اهو ڇا ڪيو؟“ جواب ڏنائين: ”مون وٽ هڙ ۾ ڪجهه به ڪونه هو ڏنم ته خدا کي سوال ڪندس ته، ايترو تڪڙو اصل ڪونه ٻڌندو. سو ڇوڪري کي وٺي ٺٺڙ هنيم. هن ڪيون اُپ ڏاريندڙ دانهون ته ڏسو ڪيئن نه ٻڌي ورتائين ۽ پئسا به اچي مليا. هو به خوش ۽ آءٌ به خوش.“

***

بيماري

هڪ سال وتائي فقير جي ڳوٺ ۾ اچي وڏيءَ بيماريءَ منهن ڪڍيو. ويچارا ماڻهو ڊوڙي فقير وٽ پهتا، چيائونس: ”فقير سائين! خدا کان دُعا گهر ته بيماري ٽري وڃي!“ فقير جواب ڏنو: ”ابا ڇڏيو ويچاريءَ کي ته ٻئي ڏينهن موجون ماڻي وٺي، ماڻهو مري ويا ته (مٽي اشارو ڪندي) پوءِ ڪو سندس نالو وٺڻ وارو ئي ڪونه بچندو پوءِ پاڻ ئي احساس ٿيندس ته بيماري ۽ هيءَ مارا ماري ختم ٿي ويندي!“

***

چار تائين ڏيپ اٿوَ

هڪ ڏينهن وتائي فقير کي ڪنهن رپيو ڏنو. سو پٽڪي ۾ ٻڌي ڇڏيائين. رات جو ڪيس اچي ڪتڪو ٿيو ته ڪو پئسا پٽڪي مان چوري نه وڃي، سو ننڊ نه آيس. نيٺ منهن انڌاري مهل گهران نڪتو ۽ گس ۾ هڪ چار (ڪبڙ) ڏسي، رپيو ان جي پاڙ ۾ پوري ڇڏيائين. گهر ڏانهن پئي موٽيو ته ڪجهه ماڻهو مليس. انهن مان هڪ پڇيس:"فقير واٽ تي ڪو ڏيپ ڏاءُ ته ڪونهي؟" وتائي فقير جواب ڏنو: "انهيءَ چار تائين ڏيپ اٿوَ باقي اڳتي ڪل خير آهي!"

***

پائيواري

هڪ پيري وتائي فقير کي ڪنهن صلاح ڏني ته فقير ڪنهن سان پائيواريءَ ۾ ڪو ٻنيءَ ٽڪر پوکيءَ لاءِ جهل ته، پيٽ قوت لاءِ ان داڻا تي پوندي ٿي. فقير کي صلاح دل سان لڳس، سو هڪ شخص سان پائيواري ڪيائين.

هڪ ڏينهن ٻئي ڄڻا گڏجي زمين جي سنوت لاءِ ويا ته، انهيءَ شخص جهنگ وڍڻ شروع ڪيو ۽ وتائي فقير کي چيائين: "فقير، تون وڃي ٽانڊو ڪٺي اچ ته هيءُ جهنگ ساڙيون." وتايو فقير ٽانڊي ڪڻڻ لاءِ اتان روانو ٿيو. هو ويچارو نهاريندو رهيو ته، اجهو ٿو فقير ٽانڊو ڪٺي اچي، پر سج لهڻ تائين وتائي جي ڪا ڪل نه خبر. نيٺ هو بيزار ٿي گهر موٽيو. ٻئي ڏينهن اڪيلو ٻنيءَ تي هليو ويو. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي سر ٻنيءَ تي ويندو رهيو. ٻني به پوکجي راس ٿي ۽ پچي ويئي، لاب لبي ويو ان صاف ٿيو ۽ ٻنٽي شروع ٿي.

وتائي فقير کي خبر پئي ته اڄ فلاڻيءَ هاريءَ جي ٻنٽي آهي، سو ٽانڊو ڪٺي ڊوڙندو آيو ۽ جيئن ئي ڪري (ٻار) کي ويجهو پهتو ته ٽڪڙو ٽڪڙو هلڻ شروع ڪيائين ۽ تيز ڪاٺي وڃي ڪريو. ان تي ٻار وٽ ويٺل همراهه چيو: "مارا فقير ايڏي تڪڙ! ٽانڊو ئي ڪيرائي وڌئي." ان

تي وتائي فقير وراڻيو: ”ادا، ماريو تہ انهيءَ تڪڙ آهي نہ! نہ تون ايترو تڪڙو ڏانڊي ڪٽي اچڻ لاءِ چوين ها، نہ ٿاڦو ڪاوان ها!“

❊❊❊

اڳهہ سين ڪي ٻڌائي ڇڏجو

هڪ ڀيري وتائي فقير ڍڳي خريد ڪئي ۽ اها ڪاهي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو تہ، واٽ تي هڪ شخص مليس، جنهن پڇيس: ”فقير ڍڳي گهڻي ورتئي؟ جواب ڏنائين: ”ڇٽن رپين ۾.“ وري اڳتي هليو تہ، ٻيو شخص مليس، ان پڇيس: ”فقير، ڍڳي گهڻي مليئہ؟“ ان کي بہ جواب ڏنائين تہ، ”ڇٽن رپئين ۾.“ اهڙيءَ طرح ڳوٺ جي پر ۾ پهچندي پهچندي ڪيترن ئي ماڻهن کانئس ڍڳيءَ جي قيمت پڇي. جڏهن ڳوٺ کي ويجهو پهتو تہ دل ۾ خيال ڪيائين تہ جيڪڏهن ڍڳي ڳوٺ ڪاهي ويندس تہ سيڪو ڏار ڏار اچي ساڳي ڳالهہ ورجائي پڇندو ان ڪري ڪا اهڙي ٽل ڪجي، جو هڪ ئي ڀيري سڄي ڳوٺ کي خبر پئجي وڃي. اهو سوچي هڪ وڻ تي چڙهيو ۽ وني دانهون ۾ واڪا ڪرڻ لڳو. ماڻهن جو سندس رڙيون ٻڌيون تہ سيئي ڊوڙي اچي گڏ ٿيا. هنن کانئس پڇيو: ”فقير رڙيون ڇو پيو ڪرين؟“

جواب ڏنائين: ”اها، هيٺ جيڪا ڍڳي هن وڻ سان ٻڌل آهي، سا مون فلاڻي ماڻهوءَ کان ڇٽن رپين ۾ ورتي آهي. سڀ ڏسي ۽ ٻڌي ڇڏيو ۽ جيڪو هتي نہ آيو هجي، ان کي بہ ٻڌائي ڇڏجو.“

❊❊❊

دوزخ ۾ ڏانڊو ڪاٿي

هڪ دفعي وتائي فقير کي پنهنجي ماءُ چيو: ”ابا ڪٿان ڏانڊو ڪٽي اچ تہ ماني پچايان.“

فقير ٻئن گهرن ۾ ويو پر ڪيس ڏانڊو ڪونہ مليو موٽي اچي ماءُ کي چيائين: ”امڙ، ڏانڊو ڪٿان ڪونہ مليم.“

ماڻس کي لڳي ڪاوڙ سو ڪيس چيائينس: ”وڃي دوزخ مان ڏانڊو ڪٽي اچ.“ فقير ور ڪنجي نڪتو ٻاهر، چڱي دير رکي، موٽي اچي ماءُ کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: "امان! دوزخ ۾ تہ ٿانڊو آهي ئي ڪونہ!" ماڻس حيران ٿي پڇيس: "ابا هي جو ماڻهو چوندا آهن تہ گنهگارن کي دوزخ جي باهہ ۾ ساڙيو ويندو سو ڪيئن؟" چيائين: "امان ٿانڊو هر ڪو هتان ئي ساڻ کڻي ويندو آهي."

***

چيڙ

هڪ پيري ڪنهن واهہ جو بند ڀڃي پيو. اتان جي زميندار پنهنجي ڪمدار کي حڪم ڏنو تہ "چيڙ (ونگار) وٺي وڃ ۽ بند ٻڌائي اچ!" ڪمدار چيڙ وٺي وڃي ڪم شروع ڪيو. گهارو تمام زبردست پيل هو ۽ ماڻهو گهٽ هئا، سو بند ٻڌجي ئي ڪونہ پيو. ڪمدار ماڻهن تي گهڻو ڪاوڙيو پر هنن ويچارن جو پاڻيءَ سان ڪهڙو وس! سو وڏيءَ ڪوشش جي باوجود بند ٻڌي نہ سگهيا. انهيءَ بند جي پرسان عام گس هو. ڪمدار خيال ڪيو تہ هاڻي جيڪو بہ ماڻهو اتان لنگهي، تنهن کي ڪم تي لڳائيندو وڃجي، جي شام تائين بند نہ ٻڌو تہ زميندار مڇر جي پوندو پوءِ منهنجو خير ڪونهي. اتفاق سان انهيءَ مهل وتايو فقير ۽ ٻيا ماڻهو اتان اچي لنگهيا. ڪمدار کين هڪل ڪئي: "اڙي ويندڙ هيڏي اچو؟". جڏهن وانهڙو وٽس پهتا تہ کين چيڙ وهڻ لاءِ حڪم ڪيائين. هر ڪنهن پنهنجي جان آجي ڪرائڻ لاءِ هٿ پير هنيو. ڪنهن چيو: "مان فلاڻي وڏيري جو خاص ماڻهو آهيان". ڪنهن چيو: "مان ڦلاڻي رئيس جو خاص ڪمدار آهيان ۽ ان جي ڪم سان پيو وڃان، ٻيو سڀ خير!" ائين چئي واري واري تي ويا وڏيرن جا نالا کڻندا کسڪندا. نيٺ فقير جو وارو آيو. ڪمدار جيڪو ماڻهن جي هٿان نڪري وڃڻ ڪري ڪاوڙ ۾ ڀريل هو، تنهن فقير کان پڇيو: "ڏي خبر، تون وري ڪنهن جو ماڻهو آهين؟" وتائي چيو: "خدا جو." ان تي ڪمدار چيس: "هل ڙي تون خدا جو ماڻهو آهين ۽ ٻيا چورن جا آهن. هل هلي ڪم ڪر اڄ!" اهو ٻڌي وتائي فقير آسمان ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين: "واهہ يار واهہ! تنهنجو ماڻهو سڏائڻ جو اجهو هي صلو مليو اٿم."

***

صحي

هڪ ڏينهن وتائي فقير جي گهر ۾ اَنُ کپي ويو. ماڻس ٻڌايس: ”ابا! اڄ گهر ۾ اَنُ خير ڪو آهي.“ فقير هڪدم اُٿيو ۽ سڌو مسجد ۾ گهڙي ويو ۽ پنو قلم کڻي رب پاڪ سان مخاطب ٿيندي چائين: ”جي ڪتو آهين ته هتي صحيح ڏي!“ اوچتو انهيءَ مهل مسجد جي در ٻاهران فقير کي سڏ ٿيو. فقير اک کڻي جو ڏسي ته هڪ شخص گڏھ تي اٽي جي ڳوڻ رکيو بيٺو آهي. فقير پڇيس ”ڏي خبر ڇو پيو سڏين!“ اُن شخص چيس: ”فقير هيءَ اٽي جي ڳوڻ تنهنجي لاءِ آندي اٿم!“ وتائي ڪلي ڏنو ۽ مٺي منهن ڪري چيائين: ”صحيح نيت ڪانه ڏنئي، باقي اَنُ موڪلي ڏنئي، سو به پينهائي!“

***

سُڃائي

هڪ ڀيري ساوڻ جي موسم ۾ درياءَ اٿلڻ سبب اچي ٻوڏ پئي، سڄي شهر کي ٻوڏ جو خطرو ٿي پيو. ماڻهن کي اچي ساهه جي لڳي ۽ هر ڪو ماڻهو ٽپڙ ڊوڙڻ ۾ لڳي ويو. وتايو فقير به ٿي رليون ۽ مختصر سامان کڻي، ماءُ سميت شهر کان ٻاهر نڪتو. ماڻهن جي اها حالت ڏسي ماءُ کي چيائين: ”امڙ! سدائين سڃائيءَ تي پئي ارهي ٿيندي آهين، هاڻ ڏس وقت تي سڃائي به ڪم ٿي اچي.“

***

خدائي ورچ

هڪ ڀيري ڳوٺ واريءَ مسجد ۾ ڪنهن جماعتيءَ نمازين ۾ ورهائڻ لاءِ مٺائي آندي. وتايو فقير به اتي موجود هو. سيٺي جماعتين يڪ راءِ فقير کي چيو: ”فقير، تون اتي مٺائي ورهاءِ!“ ان تي فقير چيو: ”پر ٻڌايو ته الله واري ورڇ ڪريان يا ماڻهن واري؟“ سيٺي چيس: ”فقير، خدائي ورڇ ڪر، ٻيو ماڻهن واري وري ڪهڙي؟“ هن ڇا ڪيو جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن کي ٻڪ پري ڏنائين ۽ ڪنهن کي چپٽي ته ڪنهن کي لپ، ڪنهن کي وري ذري به نه ڏنائين، ته ڪنهن کي وري ڏڪا ڏيئي پري ڪيائين. جڏهن سموري مٺائي ورهائي چڏيائين ته ماڻهن چيس: ”واهه فقير واهه! هي ڪهڙي ورهاست ڪيئي؟“

جواب ڏنائين: ”الله واري ورڇ ته ايئن ٿيندي آهي، جو ڪنهن کي ٻڪ ته ڪنهن کي ڏيڍ ڪنهن کي ٿورو ته ڪنهن کي گهڻو ڪنهن کي ڏڪا ته ڪنهن کي ٿاٻا!!“

***

ڏڪا ته نه ڏي!

هڪ ڏينهن وتايو فقير خدا تعاليٰ کان دعا گهري رهيو هو ۽ هٿ مٿي کڻي، سوال ڪندو پوئتي هٽندو پئي ويو. پٺيان وڏو بنڊ پيل هو جنهن جي کيس خبر ئي ڪانه هئي، سو هو پوئتي هٽندي هٽندي اوچتو وڃي انهيءَ بنڊ سان لڳي ٿاٻڙجي ڪريو. يڪدم اُٿي مٿي نهاري چيائين: ”کڻي دعا نه ٻڌ، پر ڏڪا ته نه ڏي“

***

وتايو ۽ حلوائي

هڪ ڀيري وتايو فقير هڪ حلوائيءَ جي دڪان پرسان اچي لنگهيو. ڏٺائين ته قسمين قسمين مٺاين جا ٿالهه پريا پيا آهن، پر حلوائي ماٺ ڪريو ويٺو مٺائيءَ مٿان مکيون تڙي. هن چا ڪيو جو آگر وڌائي حلوائيءَ جي اکين ۾ هڻڻ لڳو.

حلوائيءَ چيس: ”فقير اهو چا ٿو ڪرين؟“

فقير ذري گهٽ حيران ٿيندي پڇيس: ”سڄو آهين چا؟“

دڪاندار چيو: ”ته چا توکي انڌو پيو ڏسڻ ۾ اچان؟!“

ان تي وتائي چيو: ”يلا جي سڄو آهين ته پوءِ هيترا مال ڏسيو ماٺ ڪيو ڪيئن ويٺو آهين؟“

دڪاندار جواب ڏنس: ”جيڪڏهن اهي ويٺو کاوان ته گهر تباهه ٿي ويچيم!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن تي وتائي فقير هڪدم وراڻيس: ”چڱو تون اُٿي، آءُ ٿو ڪانوان، پوءِ پلي منهنجو گهر تباهه ٿئي!

***

ڄُڻي پيو سومهڻيءَ جي نماز ڪان

ڳوٺ ۾ ڪچهري متل هئي، وتايو سيڻي کي ونڊرايو ويٺو هو. ايتري ۾ هڪ همراهه آيو اچڻ شرط فقير کي چيائين: ”فقير پاڻ واري يار آچر، اجهو هينئر هينئر دم ڏڻيءَ حوالي ڪيو آهي. پر، چا ته نيڪ نمازي مڙس هو. ادا بس اڳتي به اهڙن ماڻهن جي گهرج آهي.“

فقير ڪچهريءَ واري ترنگ ۾ هو سو کلي چيائين: ”ادا، آچر فقير واقعي هيو مڙس مومن، پر گوڏن جي سور جي ڪري سدائين سومهڻيءَ جي نماز جي پيو دانهن ڪندو هو، سو چڱو جو سج لٿي بعد سُتَتُ دم پرواز ٿيس. ڄُڻي پيو سومهڻيءَ جي نماز ڪان.“

***

ڏڻيءَ جي ياد

هڪ ڏينهن وتايو فقير ڪيڏانهن ويو پئي ۽ وات سان ”لا اِله اِلا الله“ جو ذڪر ڪندي پئي ويو. پريان ڪي ماڻهو پئي آيا، سي فقير جي ويجهو پهتا ته هنن سندس ذڪر ٻڌي سمجهيو ته، هي ڪو درويش آهي، انهن مان هڪ شخص کيسي مان روپيو ڪڍي فقير کي ڏنو. فقير رپيو وٺي رکيو کيسي ۾ ۽ پنهجي ترنگ ۾ اوچتو اچي دل ۾ خيال ٿيس ته، هن رپئي جو اَنُ وٺان يا ماءُ لاءِ جُتي ۽ ڪپڙا! انهيءَ خيال ۾ ڪانئس ذڪر وسري ويو ۽ اچي ڳُڻتيءَ ورايس. ڪنهن گهڙي سوچيائين ته هن رپئي ته مون کان الله جو نالو ئي وساررائي ڇڏيائين، سو رپيو کيسي مان ڪڍي اڇلي ڇڏيائين ۽ چوڻ لڳو: ”هن هڪ رپئي مون کي هيڏن وسوسن ۾ ڪٽي وڌو، ته پوءِ جن وٽ اڻ مئي دولت آهي، سي ڪيئن ڪندا هوندا!“

***

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄاڻپ

هڪ ڀيري وتايو فقير هڪ اهڙي شهر ۾ وڃي نڪتو جتي سندس ڪا ڄاڻ سڃاڻ نہ هئي. رات جو مسافرخاني ۾ وڃي ٽڪيو اتفاق اهڙو ٿيو جو اُتي بيمار ٿي پيو ۽ مسافرخاني جي ڪنڊ ۾ پئجي رهيو ۽ سندس بيماري وڌندي ويئي، ايتري تائين جو مٿس غشي طاري ٿي ويئي. ماڻهن کيس انهيءَ حالت ۾ ڏٺو تہ تبصرا ڪري هڪٻئي کي چوڻ لڳا: ”ويچارو مرڻ ڪنڌيءَ تي آهي، هتي شايد ڪو مِٽُ مائٽ ڪونہ اٿس، تڏهن تہ مسافر خاني ۾ پيو آهي، ۽ اها خبر بہ ناهي تہ هندو آهي الاءِ جي مسلمان! جي مري تہ ڪهڙي پَر ڪجيس!“ وتائي فقير جڏهن ماڻهن جي واتان اهو ٻڌو تہ هڪدم ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ چيائين: ”هتي مرڻ مناسب ناهي! مرنداسون اُتي جتي ڪو سڃاڻندو تہ هجي.“

***

گڏهہ ۽ ڍڳي

وتائي فقير وٽ گهر ۾ جيڪر ڪا موڙي هئي تہ فقط هڪ ڍڳي. هو پاڙي مان ڀتي سٽي کيس روز گاهہ آڻي وجهندو هو. اتفاق سان هڪ گڏهہ اچي هريو ۽ روزانو ڍڳيءَ جو گاهہ کائي ٿي ويو. فقير ان کي هڪلي هڪلي بيزار ٿي پيو. هڪ ڏينهن گهڻو بيزار ٿيو تہ، رب پاڪ کي سوال ڪيائين: ”ڏٽي منهنجا! هن گڏهہ کي مار! روز منهنجي ڳئونءَ جو گاهہ کايو ٿو وڃي.“ صبح جو اٿي ڏسي تہ سندس ڍڳي مئي پئي آهي. يڪدم گهران نڪتو ۽ وڃي هڪ انڌي کي وٺي آيو. انڌي کي آڻي مئل ڍڳيءَ لڳ وهاري چوڻ لڳس، ”ادا هٿ لاءِ پوڙي ڏيمر تہ هي ساهوارو ڪهڙو آهي.“ انڌي هٿ لائي چيس: ”فقير هيءَ تہ ڍڳي آهي.“ ان تي ڪنڌ مٿي ڪري چيائين: ”انڌو بہ سمجهي ٿو تہ هي گڏهہ نہ ڍڳي آهي. وڏيڪ توکي ڇا چوان.“

***

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کھڙي ڦھار جو نالو ورتو اٿئي

هڪ ڀيري وتايو فقير درياءَ جي ڀيءَ پر وڃڻ لاءِ ٻيڙيءَ تي اچي ويٺو. جڏهن ٻيڙي پرجي ويئي ته مهاڻي الله جو نالو وٺي ٻيڙي ڇوڙي. وتايو ٽپ ڏيئي لهي پيو ۽ چيائين: ”کھڙي ڦھار جو نالو ورتو اٿئي!“انهيءَ تي ٻيڙيءَ ۾ ويٺلن مان به ڄڻا ٻيا به لهي پيا. ٻيڙي اڳتي هلي، جڏهن وچ سير تي پهتي ته خدا جي قهر سان اوچتو ئي اوچتو اونڌي ٿي پئي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ٻيڙي ٻڏي ويئي.

***

پھتا وتائي تائين مس آهيو

هڪ ڀيري وتائي کي درياءَ پار وڃڻو هو اچي پتڻ تي پهتو. پر ٻيڙي ڪجھه وقت اڳ روانی ٿي چڪي هئي. ڪا گھڙي ٿي ته ٻه ٻيا همراهه به اچي پهتا. وتائي کي چوڻ لڳا: فقير ٻيڙي رواني ٿي چڪي، ڪا واهر ڪر.“ وتائي فقير هڪ هٿ هڪڙي جي ڪن ۾ ۽ ٻيو هٿ ٻئي جي ڪن ۾ وڌو ۽ چيائين: ”توهين ’وتايو وتايو‘ چوندا هلو!“ هو ساڻس گڏ ’وتايو تايو‘ چوندا هليا. جڏهن وچ سير ۾ پهتا ته هنن سوچيو ته، اسين گھڙي کن ماٺ ڪري ٻڏون ته فقير پاڻ ڇا ٿو پيو چوي. اهو سوچي هنن ڪٽي ماٺ ڪئي ۽ ٻڏائون ته فقير”الله الله“ ڪندو پيو هلي. هنن سوچيو ته اسين چو ’وتايو وتايو‘ ڪريون، الله الله چو نه چئون. اهو سوچي هو به الله الله ڪرڻ لڳا، سو اچي ٻڏڻ لڳا. وتائي فقير ٻنهي کي هڪ چماٽ پري هڻئي ۽ چيائين: ”پهتا اچا وتائي تائين ئي مس آهيو تڪڙو الله کي ٿا رسو.“

***

امان جي وس

هڪ ڀيري گهٽي زور پرڻ تي وتايو فقير ڳوٺ جي سنگتين سان گڏ ڪنهن مولويءَ جو واعظ ٻڌڻ ويو. مولوي چئي رهيو هو ته، هر هڪ ڪم الله جي وس آهي، ان جي حڪم کان سواءِ ڪک به نٿو چري، ان

تي وتائي فقير کلي ڏنو. سنگتين پڇيس: ”فقير ڇو پيو کلين؟“ چيائين: ”ملان جيڪو چوي پيو اهو سڀ سچ آهي، ته هر ڪا ڳالهه رب جي وس آهي، پر ٻه ڳالهيون امان جي وس ۾ آهن!“ سنگتين حيران ٿي پڇيس: ”اهي ڪهڙيون؟

چيائين: ”وٽيس ته پٽ رڌي ۽ وٽيس ته ماني پچائي!“

***

ڏئي ٿو پر ڪنگهائي

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ڏينهن فقير کي اچي خيال ويٺو ته ماڻهو چون ٿا ته، خدا رازق آهي ۽ اهوئي هر حال ۾ رزق ڏي ٿو. سو آئون به آزمودو وٺان ته واقعي اها ڳالهه سچي به آهي يا مڙئي هُلائي وئي آهي!

اهو خيال ڪري ڳوٺ کان ٻاهر نڪتو ۽ هڪ واهه جي ڪناري ڪنهن هڪ وڻ تي چڙهي وڃي ويٺو. انهيءَ حالت ۾ ڪيس ٻه ڏينهن گذري ويا. پر ڪٿان ڪو مانيءَ ڀَيو ڪونه مليس. ٽئين ڏينهن ڪو رئيس شڪار لاءِ نڪتو هو. سو ان وڻ جي ڇانوَ ۾ اچي منزل انداز ٿيو جنهن تي وتايو ويٺو هو. رئيس جا ماڻهو رڌ پچاءَ کي لڳي ويا. جڏهن ماني رڌجي تيار ٿي ته، رئيس نوڪرن کي حڪم ڏنو ته، ”پهرين ٿالهي ڪنهن کي خدا ڪارڻ کارائي اچو.“

وتائي فقير ڏٺو ته هاڻي جيڪڏهن ماٺ ٿو ڪريان ته بک ٿو مران، سو وٺي زور سان ڪنگهيائين. رئيس جو وڻ تان ڪنگهڪار ٻڌي، ته مٿي ڪنڌ کڻي ڏٺائين. ڏسي ته ڪو همراهه وڻ تي ويٺو آهي. کيس ڏسي چيائين:.”ادا هيٺ لهي آءُ ۽ اچي هي پلاءُ کائج! فقير وڻ تان لهي آيو ۽ پيٽ کائي ڳوٺ موٽيو. ڳوٺ پهچڻ تي ماڻهن پڇيس: ”فقير ڏي خبر. ٻه ٽي ڏينهن ڪيڏانهن ويو هئين؟“

چيائين ته ٻڌو هئم ته خدا رازق آهي، ۽ هر هنڌ رزق جو بندوبست ٿو ڪري، سو ان جو آزمودو وٺڻ ويو هوس.“ ماڻهن حيران ٿي پڇيس: ”پوءِ ڇا ٿيو؟“ جواب ڏنائين: ”ها، ڏئي هر حال ۾ ڏئي ٿو پر ڏئي ڪنگهائي ٿو.“

***

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ ڇا ڇوانءِ!

هڪ ڀيري وتائي فقير کي ڪيڏانهن ڏور سفر تي وڃڻ جو خيال ٿيو. سوچيائين ته ايترو پنڌ ڪري ڪونه سگهندس، ان ڪري سفر لاءِ ڪا سواري هٿ ڪريان ۽ ان تي چڙهي سفر سولو ڪريان. اهو سوچي سڄي ڳوٺ ۾ ماڻهن کي سوال ڪيائين، پر ڪنهن به ويچاري کي چڙهيءَ لاءِ وهٽ نه ڏنو. نيٺ مايوس ٿي گهر ڏانهن موٽيو. اتفاق سان گس ۾ هڪ ماڻهو گڏيس جيڪو گڏهه تي وڃي رهيو هو. ان کي سوال ڪيائين: ”پيلي مونکي ضروري ڪم سان وڃڻو آهي، پنڌ گهڻو پري آهي ۽ پيادل هلڻ جي همت ڪانه اٿم. ان ڪري مهرباني ڪري ڏينهن ٻن لاءِ گڏهه ڏينم ته ڪم لاهي اچان.“ ان شخص کي روح ۾ رحم پيو سو کيس چيائين: ”فقير مون وٽ جيڪي آهي، سو حاضر آهي، تون پلي ڪاهي وڃ.“

وتايو فقير ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کانئس گڏهه وٺي ان تي چڙهيو ۽ جڏهن ڳوٺ کان ٻاهر نڪتو ته سوچيائين، لڪڻ هٽانس ته جيئڻ ٽڪڙو ڀڇان. اهو سوچي گڏهه کي لڪڻ هنيائين ته گڏهه ڪُٽي فقير کي ڪُڏايو ۽ فقير ويچاري اچي پٽ تي ڦهڪو ڪيو. ڪپڙا ڇنڊي اُٿيو ۽ گڏهه کي چوڻ لڳو: ”جيڪي چوڻو هو سو تون اڳ ئي آهين، وڏيڪ ڇا ڇوانءِ؟“

❊❊❊

منهنجا به لاهه نڪري وڃن ها

هڪ دفعي وتايو فقير ڪيڏانهن وڃي رهيو هو ته واٽ تي سج لهي ويس. وٽس کيسي ۾ هڪ رپيو پيو هو ان ڪري ڊپ اچي ٿيس ته متان ڦورو ڦري وڃن ۽ جي پئسا ساڻ هوندا ته جان جو به ڊپ آهي، ان ڪري اهڙي شيءِ ساڻ نه هجي ته چڱو. اهو سوچي رپيو کيسي مان ڪڍي هڪ ڪرڙ جي ٻاڙ ۾ اچلائي ڇڏيائين ۽ پاڻ اڳتي هليو ويو. صبح جو ڪو ڏنار مال ڪاهي اچي اتان لنگهيو ۽ ان جي نظر

وجي ڪا ربئي تي پئي. ڪرڙ ۾ روپيو ڏسي سمجھيائين تہ پڪ هتي ڪو خزانو لڪل هوندو سو کهاڙي کڻي سچو ڪرڙ وڍي ڇڏيائين، بلڪ ٻوڙندو گهران ڪوڏر کڻي آيو ۽ ان جون پاڙون بہ ڪڍي ڇڏيائين.

وتايو فقير ٻئن ڏينهن کان پوءِ ڳوٺ ڏانهن موٽيو تہ سوچيائين: ڏسان تہ ڪرڙ وٺ رپيو پيو آهي. جڏهن اتي پهتو تہ رڙ نڪري ويس. چيائين: "وچ! ڪرڙ جو وڻ تہ ڪونهي، پر اتي تہ مورڳو ڪڏ لڳي پئي آهي، ڪنهن ڪرڙ جون پاڙون بہ ڪڍي ڇڏيون آهن." حيران ٿي پڻڪيو: "چڱو ٿيو جو رپيو اڇلائي ڇڏيم، نہ تہ منهنجا بہ ان ڪرڙ وانگر لاهہ نڪري وڃن ها!!"

***

آءُ ڪٿي ڪانوان!

هڪ دفعي وتائي فقير کي ٻني پوکائڻ جو خيال ٿيو ڪجھ همراهن کي ونگار وهڻ لاءِ چيائين، جيڪي جوڙا (ڏاند) وٺي آيا ۽ فقير کي سموري زمين کيڙي ڏنائون. جڏهن انهن ٻني کيڙي بس ڪئي تہ، فقير کي چيائونس: "فقير تنهنجي زمين ۾ ڪم پڄاڻيءَ تي پهتو هاڻي پٽ ڪارا تہ گهر پيڙا ٿيون!"

اهو ٻڌي وتايو فقير اچي روئڻ لڳو. ونگار وارن پڇيس: "فقير روئين ڇو ٿو؟" چيائين: "ادا روئان ان ڪري ٿو تہ، اوهين تہ وڃي پنهنجي پنهنجي گهر ڪائيندؤ آئون ڪٿي ڪائيندس."

***

ملان تنهنجي مهرباني

هڪ سال وتائي فقير رمضان شريف ۾ جمعي جو روزو رکيو. شام تي، نماز پڙهڻ ۽ روزي کولڻ لاءِ مسجد ۾ آيو. جڏهن روزي کولڻ جو وقت ٿيو تہ ملان فقير اڳيان دال جو ٻوڙ ۽ جوئر جي ماني آڻي رکي ۽ جيڪي آسودا نظر آيس، تن جي اڳيان ٻوڙ پلاءَ آڻي رکيائين. اتفاق سان ٻن جڻن جو گوشت جي ٻوڙ تان جهيڙو ٿي پيو.

هڪ چيو: ”تو گهران پٽاٽا آندا آهن، اهي ڇو نٿو کائين؟“ ٻئي چيو ”جي گوشت کاڌم ته ڇا ٿيو؟ تنهنجو نفس گوشت کائڻ لاءِ ڇوي ٿو ۽ منهنجو نه؟“ ٻنهي ۾ جهيڙو وڌي ويو ۽ هڪٻئي کي ڏاڍو گهٽ وڌ ڳالهايائون. نيٺ ماڻهن وچ ۾ پئي جهيڙي کي ٽاريو. فقير جو اها حالت ڏٺي، سو اٿي ملان وٽ ويو ۽ ان کي چيائين: ”توکي شابس هجي، جو مون کي گوشت جو ٻوڙ نه ڏنئي، نه ته منهنجو نفس به هري پوي ها ۽ آءٌ روز پيو اچان ها ۽ اهڙا جهيڙا پيو ڏسان ها.“

***

تمام تکو گهوڙو

هڪ دفعي ڳوٺ جي هڪڙي زميندار گهوڙو خريد ڪيو ان کي ڏسڻ جي لاءِ ڪيترائي ماڻهو زميندار جي گهر پهتا. انهن ۾ وتايو فقير به موجود هو. زميندار اوطاق ۾ آيلن کي مخاطب ٿي چيو: ”مون هيءُ گهوڙو هڪ سؤ رپين ۾ خريد ڪيو آهي، پلي نسل جو آهي ۽ ڏاڍو تکو آهي.“ ماڻهن چيس: ”اوهان هن تي سواري ڪريو ته اسين ڏسون.“ زميندار جواب ڏنو: ”اڄ هن کي آرام ڪرڻ ڏيو. سڀاڻي صبح جو سوير آئون هن تي سواري ڪندس، اوهان اچي ڏسجو!“

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ڳوٺ جا ڪيترائي ماڻهو ۽ وتايو فقير زميندار جي اوطاق تي پهچي ويا. زميندار کي جڏهن ماڻهن جي اچڻ جي خبر پئي ته ٻاهر نڪري آيو. ان وقت سندس اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا. هن گنڀير آواز ۾ چيو: ”منهنجو پلو گهوڙو رات مري ويو.“

وتائي فقير چيو ”وڏيرا مري ويو نه ڇڏ، ڇڏ ته هو تمام تکو هو جو هڪ ئي رات ۾ هن جهان کان هن جهان تائين وڃي پهتو.“

***

گڏهه جي تصوير

هڪ ڏينهن وتايو فقير ڪنهن تلاءَ ۾ وهنجي رهيو هو. هن ڪپڙا لاهي تلاءَ جي ڪپ تي رکيا هئا. هڪڙي حرڪتيءَ ڇا ڪيو جو فقير

ڪي چيڙائڻ لاءِ هن جي قميص اڳيان ڪوئلي سان گڏهه جي تصوير ٺاهي ڇڏيائين. فقير جڏهن وهنجي ٻاهر نڪتو ڪپڙا پاتائين ته ڪيس قميص تي اڳيان گڏهه جي تصوير نظر آئي، ويجهڙائي ۾ ڪيترائي ماڻهو ويٺل هئا، جي کلڻ لڳا. وتايو فقير ڳالهه سمجهي ويو. وڏي واڪي چيائين: "اڙي، ڪهڙي گڏهه منهنجي قميص سان منهن اگهيو آهي." مڙن کٽي ماٺ ڪئي.

***

ڇيومانءِ ته سواري ڪراءِ

وتايو فقير ڪنهن سفر تي نڪتو. پنڌ جي تڪليف کان الله سائينءَ کي سوال ڪيائين: "اي منهنجا موليٰ! اڄ ته ڪا سواري ڏيار ته چڙهانس." ڪجهه پنڌ پئي اڳتي وڌيو، اتفاق اهڙو ٿيو ته ڳس تي هڪ پوليس واري جي گهوڙي ويامي پئي هئي، سو ٻه ڪو انهيءَ ٽاڙ ۾ هو ته ڪو ماڻهو اچي ته ڦر کڻايانس. تنهن جو فقير کي ايندي ڏٺو ته سڏي چيائينس: "اڙي هيڏي اچ! هيءَ ڦر کڻ!" فقير ويچارو ماٺ ڪري ڦر کڻي اٿي هليو. تان جو ٿاڻي تي آڻي ڦر کي لاٿائين. جڏهن ٿاڻي کان ٻاهر نڪتو تڏهن کلي خدا پاڪ کي چيائين: "سُٺين ٿو پر سمجهين ڪونه ٿو. مون تو کي چيو ته، گهوڙو ڏيار ته آءٌ چڙهانس يا مون تي گهوڙي کي سوار ڪرا!"

***

ڇئو ته لڇن کي پاڻ ٿو لڪائي

هڪ دفعي وتائي فقير جو دلو ڪو شاهينگ کڻي ويو. فقير ڇا ڪيو جو مسجد ۾ ويو ۽ ٺاهوڪو دلو ڏسي وڃي کنيائين. ملي چيس: "فقير هي ڇا ٿو ڪرين؟" فقير چيو: دلو ڪپيم سو ٻئي هنڌان کڻندس ته هنن کي خبر پئجي ويندي ۽ چور ڪري کڻي ٻڌندم، تنهن ڪري هتان کنيو ٿو وڃان، جو هن کي خبر نڪا چار ٻي اونو هليو ويندس! ملان چيو: "نه فقير نه، تون ڀليو آهين، هو ته عالم الغيب آهي، سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو." وتائي چيو: "هان، سڀ خبر

پويس ٿي؟ تڏهن ڇٽبو ته، لڇن ڪي پناهه پاڻ ٿو ڏئي، ۽ هٿ وٺي اسان جي ٻيڙي ٿو ٻوڙائي.“

***

ڏُڪار

هڪ دفعي ملڪ ۾ اچي ڏڪار پيو ماڻهو مڙي وتائي فقير وٽ آيا. چيائونس: فقير دعا گهر ته هيءَ مصيبت ٽري! جواب ڏنائين: ابا اوهان کي کهڙي ڪس، خرچ ته آخر سندس ئي وڌيو.

***

سوئيون

ڳالهه ڪندا آهن ته وتائي فقير کي سيوئيون گهڻيون وڻنديون هيون. هڪ ڏينهن خدا کي سوال ڪيائين: ڏٺي منهنجا! اڄ منهنجو هڪڙو ننڍڙو سوال ته اگهاءِ، رمضان جي عيد پئي اچي، ماڻهو اجهو ٿا سويون رڌين، جڏهن رڌي بس ڪن ته سڀ مري وڃن، آءٌ ۽ امان وڃي سڀ سويون ميڙي گهر کڻي اچون. جڏهن سڀ سويون گهر ۾ اچي وڃن، تڏهن امان به مري وڃي، بس مان هجان ۽ سوئيون هجن، پيو مڙئي خير!

***

اَيرو!

هڪ دفعي وتايو فقير ڪنهن ايري گهوڙي تي چڙهيو پئي ويو. اڳيان هڪ شخص پڇيس: ”فقير تنهنجي گهوڙي کي ڇا ٿيو آهي؟ جو تمام ايرو ٿي ويو آهي؟ داڻو پاڻي ڪونه ٿو مليس ڇا؟“وتائي فقير ورندي ڏنس: ”داڻو ته مون وٽ آهي ئي ڪونه، اهو ته آهي الله وٽ، سو نٿو ڏيئس. گاهه ڪرڻ جي وسعت وري مون ۾ به ڪانهي. ويتر منهنجو گهوڙو به آهي خار باز سو پاڻي پيئڻ پاڻ به ڇڏي ڏنو اٿائين، سو اهڙا حال تڏهن ٿيا اٿس.“

***

شاديءَ جو ڪاج

وتائي فقير جي ڳوٺ جي پر واري ڳوٺ ۾ ڪا شادي هئي، دهلن دمامن جون ڌمون ۽ آلاپن جون الولايون لڳيون پيون هيون. فقير به پنهنجي غريباڻيءَ پوشاڪ ۾ سڏو ڇني ۾ هليو ويو. هيڏانهن هوڏانهن گهٽو ٿي نهارياڻين، پر ڪنهن رُڪي صلاح به ڪانه ڪيس. ٻيا جيڪي ڪپڙي لٽي ۾ سرس هئا، تن کي ڪامڙين وٺي عزت سان پٺي ويهاريو ۽ کين ڏوڙ ٿي ماني تڪي پٺي ڪارائي. فقير ويهي ويهي نيٺ اُٿيو ۽ هڪ ڪتيءَ وٽ آيو. ان کان مسواڙ تي ڪپڙا وٺي پائي، ڏاڍي ٺاٺ سان اچي ڇني ۾ گهڙيو. ماڻهو ڊوڙي آيا ۽ وٺي آٽي باعزت ويهارياڻونس. يڪدم ٻوڙ پلاءَ اچي ويا ۽ فقير جي اڳيان رکجي ويا. فقير ڪپڙن ۾ هٿ وجهي، انهن کي ٻيو چوي: ”کائوکائوا“ ماڻهن چيس: ”ادا، ڇريوآهين ڇا؟“ جواب ڏناڻين: ”سوير غريباڻن ڪپڙن ۾ اچي ويٺس ته ڪنهن ڪنگهيو به ڪونه، هينئر جڏهن هي نوان ڪپڙا پائي آيو آهيان، تڏهن سڀ ڪا خوشامد پٺي ٿئي. هي مانُ ۽ عزت ڪپڙن کي مليو آهي، مون کي نه. مون کي ماني ملي ها ته اڳ ۾ ئي ملي ها. انهيءَ ڪري هنن کي پيو چوان ته توهان جي ڪري مانُ ۽ ماني ملي آهي، سو توهان ئي کائوا!“

***

هاڻ وينا تورين

هڪ ڏينهن ڪنهن ملان وعظ پٺي ڪيو ته، هميشه وڏو پٿر کڻي ان سان وٽ ڇيڻجي، ڇو ته اِهي وَٽ وارا پٿر ملائڪ توريندا ۽ انهيءَ وزن جو ثواب ملندو. وتايو فقير اها ڳالهه ٻڌي اُٿي هليو هلندي هلندي وڃي هڪ جبل تي چڙهيو ۽ اتي پيشاب ڪري جبل سان وَٽ چيڻي چياڻين: ”هاڻ پل ته ملائڪ ٻيا سڄو جبل تورين.“

***

مرڊو

هڪ ڏينهن وتايو فقير ڳهڙان ماءُ ساڻ ڪاوڙجي نڪتو. چياءِين: ”بس آءٌ هاڻ مري ئي وڃان.“ پوءِ اتان نڪري اچي مقام ۾ ويهي رهيو. اوچتو هڪ ڏاند گاڏي اچي اتان لنگهي. اڳيان گپ هئي، تنهن ڪري ان ۾ ڦاسي پئي. گاڏيءَ واري ويچاري گهڻا ئي حيلا هلايا، پر گاڏي نڪري نه سگهي. هيڏانهن هوڏانهن نهارياءِين ته وتائي فقير کي پريان مقام ۾ ليٽيل ڏٺائين. سڏ ڪري چياءِينس: درويش مون کي گاڏي ڪڍائڻ ۾ ته اچي مدد ڪر! فقير سُتي ئي چيس: ”ادا آءٌ پاڻ مئو پيو آهيان، نه ته جيڪر تنهنجي واهر ڪريان ها!“

***

زال/ ماءُ

هڪ دفعي وتائي فقير جي ماءُ سخت بيمار ٿي پيئي، سو سندس پرسان ويهي روئڻ لڳو. هڪ ٻي پاڙي واري ڪراڙي آئي ۽ چوڻ لڳي: ”اهو موت سڀ ڪنهن جي مٿان اچڻو آهي. ڪو به ڪائنس بچندو ڪونه. بس، الله جو حڪم آهي. سو هر ڪنهن تي موت برحق آهي.“ فقير رئندي چيو: ”امڙ ئي منهنجو سڀ ڪجهه هئي، هاڻ آءٌ ڪيئن ڪندس.“ تڏهن تي ويٺل مائين وراڻي ڏني: ”اسين جو ويٺيون آهيون.“ هڪ چيو: ”ابا مون کي پنهنجي ماءُ سمجهه!“

وتائي فقير چيو: ”جڏهن پاڙي واري خميسي جي زال هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. تڏهن ائين ڪنهن ڪونه چيس ته، ”خميسا! ڇو ٿو روئين؟ مون کي مئل واريءَ جي جاءِ تي سمجهه! ڪيتريون مڙسن سوا موجود آهن ۽ وانديون ويٺيون آهن.“

***

ناڻو

هڪ ڏينهن وتايو فقير پنڌ ڪندي ڪندي وڃي درياءَ جي ڪپ تي پهتو. رستي ۾ ڪا به آبادي ڪانه ڏٺائين. پري ڪان درياءَ ۾ هڪ

پيڙي ڏناڻين، سو مهاڻي کي خدا جا نالا وڏائين، وڏي واڪي سڏ ڪيائينس، پر مهاڻي فقير ڏانهن نهاريو به ڪونه. جڏهن سمجهيائين ته خيراتي ڪونه ڪڍندو، تڏهن ڪيسي مان رپيو ڪڍي ڏيکاريائينس. ميربحر پيڙي موٽائي ڪناري تي آيو ۽ فقير کي پيڙيءَ ۾ ڪنيائين. فقير رپئي ڏيڻ مهل چيس: "رپئي ۾ ڪيڏي حڪمت رکيل آهي، تڏهن ته چوندا آهن ته، "ناڻو نِبَرَ نوائي ٿو چڙهي."

***

گلڻ وادو

وتايو فقير پاڙي وارن واڍي ڏانهن پيو پيرا ڪندو هو ۽ عاجزيءَ سان عرض ڪندو هيس: "پاڻ گلڻ! مون کي کٽ ٺهرائڻي آهي، سو هل هلي کٽ ٺاهي ڏي." گلڻ وادو هر پيري فقير کي چوندو هو: "هن وقت آءٌ واندو ڪو نه آهيان، ڏسين ڪونه ٿو ته ڪيترا ماڻهو اجان ويٺا آهن. پهرين هنن جو ڪم ٿئي، پوءِ تنهنجو."

الله جي قدرت، ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ اهو وادو گلڻ گذاري ويو. ڪانڌي سندس جنازو کنيو قبرستان ڏانهن پئي ويا ته، وتايو ان وقت ڪٿان سفر تان ڪوٽ موٽيو پئي آيو. هن جي مقام ڏانهن ايندڙ جنازي تي نظر پئي ته جنازي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڊوڙي اچي پهتو. ڪنهن ڪانڌيءَ کان پڇيائين "ادا ڏيو خبر ڪير گذاري ويو آهي؟" ماڻهن چيس: پاڻ وارو گلڻ وادو گذاري ويو." وتائي فقير ڪانڌين کي چيو: "کٽ کي ته ڪا گهڙي پٽ تي رکو ته آخري ديدار ڪيانس." ڪفن جو ڪپڙو هٽائي آهستي ڪن لڳ چيائين: "ادا گلڻ! اڄ ته واندو آهين، هلي منهنجي کٽ ٺاهه."

***

گڏهه نيٺ گڏهه نڪتو

وتائي فقير پئسن جي تنگيءَ ڪري سوچيو ته، گڏهه جو ڏارو ۽ گاهه هوريان هوريان گهٽ ڪريان. اهو سوچي هن انهيءَ ڏينهن کان گڏهه جي ڏاريءَ ۽ گاهه ۾ ڪمي ڪرڻ شروع ڪئي، پوءِ گڏهه کي ڍڳل

ڇڏي فقير ڪيڏانهن نڪري ويو. پوئيان گڏهه ويچاري کي نه گاهه مليو ۽ نه ڏارو سو مري ويو!

ڪو همراهه اتان اچي اُتان لنگهيو. هن ڏٺو ته گڏهه ٻکن ۾ پاهه پڏي پڏي مري پيو آهي، سو ان کي مٿلِ ڏسيٰ وتائي کي ڳولي هٿ ڪيائين ۽ چيائينس: "فقير ٻي زبان تي ڪهلِ ڪانه پئي تنهنجو گڏهه ته بک وگهي مري ويو. تون وتين ٿو ٻي اُلڪو قرندو." وتائي وراڻيس: "ادا، گڏهه نيٺ گڏهه نڪتو ان وقت مئو آهي، جڏهن هو بک جو عادي ٿيڻ جي چڪو هو!"

***

سلوڪ

هڪ دفعي وتايو فقير ڪنهن ڳوٺ ۾ پهتو ۽ اتان جي ماڻهن کي سڏي چيائين: "مون لاءِ هڪدم ماني جو بندوبست ڪريو نه ته اوهان سان اهو ئي سلوڪ ڪندس، جيڪو اڳئين ڳوٺ وارن سان ڪيو اٿم!"

فقير جي اهڙي ڌمڪي ٻڌي ماڻهن ڊپ کان فقير لاءِ عمدا کاڌا تيار ڪرايا. جڏهن کائي خوش ٿيو ته، ڳوٺ وارن پڇيس: "فقير سائين، اوهان اڳئين ڳوٺ وارن سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو هو؟" وتائي فقير وراڻيو: "مون انهن کان ماني گهري، پر هنن نه ڏني ۽ آءٌ ماٺ ڪري هليو آيس. جيڪڏهن اوهين به ماني نه کارايو ها ته، آءٌ هتان به چپ چاپ ٿي پاسي نڪري وڃان ها!"

***

گڏهه جي ڳالهه تي اعتبار ڪيئي منهنجي ته تي نه!

ڳالهه ڪندا آهن ته، ڪو همراهه وتائي کان گڏهه وٺڻ آئيو. سندس لوڙهي پاهران بيهي فقير کي سڏ ڪيائين. فقير گهران نڪري اچي ساڻس مليو. هن فقير کان ڪنهن ضرورت تحت گڏهه جي گهر ڪئي. فقير چيس: "ادا، گڏهه ته ڪو پيو سوالي ڪاهي ويو."

ايتري ۾ فقير جي لوڙهي سان لڳو لڳ ٻئي ڳهران گڏهہ هينگ ڪئي، تنهن تي همراهہ چيس: ”فقير، گڏهہ هينگون ڪري پيو ٻڌائي، تہ مان گهر ٻڌو پيو آهيان.“

وتائي وراڻيو: ”ادا افسوس آهي گڏهہ تي اعتبار ڪيئي، مون تي نہ.

***

چوي سڀ ڪو ٿوم، ڏئي ڪو ڪونہ ٿو

هڪ ڏينهن وتايو فقير ڳوٺ کان سنبري سفر لاءِ نڪتو. جڏهن ڳوٺ جي هڪ اوطاق کان متيو تہ، اوطاق ۾ متل ڪچهريءَ وارن ڪيس ڏٺو سو سڏي ڪٽي وچ ۾ وهاريائونس.

ٻن همراهن مٿس زور ڀريو تہ، فقير اڄ تہ توکان سچي ڪرائبي تہ، آخر تون شادي ڇو نہ ٿو ڪرين. جڏهن ٿا ڪٽي پڇئون تہ ورندي ساڳي ٿو ڏين تہ، ادا نيٺ ڪبي! اڄ ڪٽي سچ ٻڌاءِ تہ شادي ڪڏهن ڪندين!

وتائي وراڻيو: ”ادا ڇڏيو ان ڳالهہ کي.“ پر مڙس مڙڻ جا ڪتي.

چيائون: ”فقير اڄ ڳالهہ پڌري ڪر، ڇڏبئي اصل ڪونہ.“

وتائي وراڻيو: ”ادا جي گهڻو زور ٿا رکو تہ دل ۾ بہ نہ ڪجهہ اصل ڳالهہ اها آهي تہ، چئي تہ هر ڪو ٿو تہ فقير شادي ڇو نہ ٿو ڪرين؟ پر ڏئي تہ ڪو بہ ڪونہ ٿو.“

***

ملن جون ٻانگون ۽ امان جون ليٽون

ستاويهن رمضان جي ڀلاري ڏهاڙي جي موقعي تي وتائي فقير ماءُ کي چيو: ”امڙ اڄ روزو رکبو جو ڀلاري مهيني جو ڀلارو ڏينهن آهي، پر روزو شام جو مسجد ۾ ٻين مسلمان ڀائرن سان گڏ وڃي کولبو جيئن جڃهو ثواب بہ ملي تہ سيون بہ جام ملن.“ فقير ويچارو سئين جو ڏاڍو شوقين هوندو هو سو ماءُ چيس: ”ابا ائين مسجد ۾ هٿين خالي وڃڻ سهي ناهي. روزي کلڻ وقت مان بہ توکي سيون پچائي ڏينديس تہ وڃي ٻين مسلمان ڀائرن سان گڏجي کائجانءِ.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وتائي وراڻيو: ”امڙ جيڪا تنهنجي مرضي“.

پوءِ جڏهن روزي کلڻ جو وقت ويجهو آيو تہ ماءُ کي تڪڙ لائي ڏنائين تہ امڙ جلد ڪر، سيون تيار ڪري ڏي تہ وڃي مهل سان مسجد ۾ پڄان. ماڻس بہ گهڻي ئي تڪڙ ڪئي، پاڻي اڀرڻ لڳو تہ ماڻس سيون وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اوچتو ڪنهن مسجد مان بانگ جو آواز آيو. ماڻس هٿ روڪي دعا لاءِ هٿ جهليو. ان ملان بانگ ڏئي مس بس ڪئي تہ ڪنهن ٻيءَ مسجد مان بانگ اچڻ شروع ٿي، ائين ڪي گهڙيون الڳ الڳ مسجدن مان بانگ مٿان بانگ پئي آئي ۽ ماڻس بہ پئي هر بانگ تي دعا لاءِ هٿ کنيا. نيٺ وتائي ڪاوڙ مان ماءُ کي چيو: ”ملن بہ ڪا پاڻ ۾ ٻڌي ڪئي آهي تہ توکي دعائن ۾ رنيائي سڀ سيون پاڻ کائن، پر مان ڪٿي ٿو ڇڏيانِ.“ ماڻس ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندي دعا لاءِ هٿ کڻندي رهي ۽ وتايو وٺي مسجد ڏانهن ڊوڙيو ۽ اچي ڏسي تہ سڀ ماڻهو روزي کولڻ ۾ لڳا پيا آهن. هن بہ هم نہ ڪئي تم، سين جو ٿالهہ ڏسي اُتي روزو کولڻ لاءِ ويهي رهيو. ڪنهن ويٺل روزائت پڇيس: ”وتايا دير ڪيئي.“ چيائين: ”ماٺ ٿوَ يلي. بس آخر پنهنجي مڙسي ڪم آئي، نہ تہ ملن جي بانگن ۽ امان جي دعائن جي ڊيگهہ تي لڳان ها تہ، هي بہ گرهہ بہ نصيب ڪونہ ٿين ٿا.“

***

ڳنڊڻ تہ ڪونہ ڏنئي، ويتر رکي بہ ڦُري ورتئي

وتايو ڪٿان هڪيو تڪيو اچي گهر پهتو. ماءُ کي چيائين: ”امڙ ڏاڍي بک لڳي اٿم. اچ تہ ڪو ڍؤ ڪراءِ.“ ماءُ چيس: ”ابا! رکي ماني آهي، ڳنڊڻ ڪونهي.“ وتائي چيو: ”امان رکي ماني کهڙي وڻندي ٻيو نہ تہ لسيءَ لپ ئي ڏيم.“ ماڻس چيو: ”ابا اها بہ ڪانهي. باقي هيءَ ماني وٺ ۽ ڏٽيءَ کان دعا گهر تہ من پاڙي مان ڪجهہ ملي پوي.“ وتائي ماءُ کان ماني ورتي. جيئن ماڻس ڳنڊڻ لاءِ پاڙي ۾ وئي تہ هن ماني ڪٽ تي رکي ۽ ماءُ جي چوڻ موجب دعا لاءِ هٿ کنيائين تہ، ايتري ۾ ڪتي، جنهن مانيءَ کي پئي تاڙيو سو لوهہ ڏئي ماني کڻي وٺي ڀڳو. وتائي دعا

گھرندي وراڻيو: ”واھ ڙي موليٰ تنھنجو انصاف! ڳنڍڻ تہ ڪونہ ڏنئي، الٽو رُڪي بہ ڪسي ورتئي.“

❋❋❋

ڏيڻو ھوندس تہ پاڻ ڏيندو

ھڪڙي ڏينھن وتايو پاڙي ۾ ھڪ گھر ٻاھران ڏڌ وٺڻ ويو تہ، گھر اندران آواز ايندو ٻڌائين: زال مڙس کي چئي رھي ھئي، عرصي کان اولاد لاءِ پيا سڪون، ھل تہ ڪنھن اولياءَ تي ھلي باس باسيون تہ من ڪا جھولي پرجي.

ايتري ۾ وتايو بہ وڃي سندن اڱڻ تي پھتو ۽ مائيءَ کي چيائين: ”پيڻ ھوءَ جيڪا تنھنجي ڪڪڙ ولر ٻچن سان پئي چڳي، ان ڪھڙي پير تي دعا پني يا باس باسي ھئي، جو ھيڏو ولر ٻچن جو پويان اٿس. مائيءَ وراڻيو: ”فقير ڪڪڙيون بہ ڪا باس باسينديون آھن ڇا؟“ فقير وراڻيو تہ منھنجي ادي تہ پوءِ تون ڇو پئي پاڻ ۽ مڙس کي ھائيءَ ۾ ھڻين. ماٺ ڪري پئي الله ڪر. ھو ڪنھن وڌيري وانگي پرمتڙيو ڪونھي، جو ڪنھن ٻئي جي سفارش تي ڏن يا اولاد ڏئي. ڏيڻو ھوندس تہ پاڻ ئي ڏيندئي.

❋❋❋

ويني وار کُسي ويندو

وتائي جي ڳوٺ ۾ ڪنھن جوڙي کي شادي ڪئي عرصو لنگھي ويو، کين اولاد ڪونہ ٿي ٿيو. سو ھفتو کن مشھور بزرگ جي مزار تي وڃي ترسيا. جنھن لاءِ مشھور ھو تہ ھو ”ڦندٻين کي ڦر تو ڏئي.“ سو زال مڙس ھفتو راتين جو ان بزرگ جي مزار تي اوجاڳو ڪندي، پٽ لاءِ دعائون پنندا رھيا ۽ روايت موجب ڪنھن نشاني ملڻ جي انتظار ۾ ھئا. جو مشھور ھو تہ اولاد ٿيڻ لاءِ پير در تي آيل سوالين ڏانھن ڪا نہ ڪا نشاني موڪلي ٿو نہ چاڻ تہ اھا نشاني پير ڪان وڏيڪ درگاھ کي گذر جو وسيلو بنائيندڙ خليفن جي ڪارستاني ھئي، سو نيٺ آخري رات، زال مڙس کي جڏھن ننڊ جا ڪيپ چڙھيا تہ ڪو خليفو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن ويهاٽي هيٺان، ڪنهن ٻار جي لٽل جهنڊ جا وار رکيَ ويو. صبح ٿينديءَ ئي جڏهن مائيءَ سگهوريءَ ويهاٽي هيٺان وار نشانيءَ طور ڏٺا تہ وٺي نچي ڪڏي ۽ پوءِ ٻئي زال مڙس نچندي ڪڏندي ڳوٺ ڏانهن واپس آيا. اتفاق سان واٽ تي زال مڙس جي ملاقات وتائي فقير سان ٿي.

مرد ڪجهہ ڪڇي ان کان اڳ مائيءَ وات پري وتائي سان ڳالهہ ڪئي: ”فقير سائين! اسان کي مرشد وٽان پٽ ڄمڻ جي نشاني ملي آهي.“ وتائي پڇيس: ”مائي سگهوري! اهو وري ڪيئن؟“ مائيءَ وراڻيو: ”فقير هي ڏس رات مرشد سائينءَ نشانيءَ طور وار موڪليا آهن ۽ خليفي چيو تہ، ’مرشد سائين جي ڏنل نشانيءَ مان مراد آهي تہ اوهان کي پٽ ڄمندو ۽ ان جي جهنڊ هتي لاهجو.“ وتائي فقير وراڻيو: ”امڙ! خليفو ڀليو آهي، مرشد نشاني موڪلي ٻڌايو تہ ’مون وٽ وٺي وٺي وار کسي ويندو پر ورندو ڪجهہ بہ ڪونہ.“

***

ڪٽ ڪٽي نہ ڏيو

وتائي وٽ ماماڻن وٽان ڪي مهمان آيا تہ ماءُ چيس: ”وتايا! ڪا ٻاڙي مان ڪٽ تہ وٺي اچ.“ فقير ماءُ جو چيو اکين تي رکي ٻاڙي مان ڪٽ وٺڻ ويو.

ڪنهن ٻاڙي واري جي در تي پهچي وڃي سڏ ڪيائين: ”او فلاڻا! ٻاهر تہ نڪرجانءِ.“ همراهہ پاڻ تہ ڪونہ نڪتو سندس پٽ اچي پهتو. فقير چيس: ”ابا! مهمان آيا آهن، سو ڪٽ تي ڪپي“.

همراهہ وراڻيو: ”فقيرا! ڪٽ جي تہ ڪا ڳالهہ ڪانهي، پر اسان وٽ رڳو ٻہ ڪڪڙ آهن. هڪ تي مان ۽ بابو ٻئا سمهون تہ ٻيءَ تي امڙ ۽ منهنجي گهرواري ٽيئي سمهن.

فقير چيس: ”ابا! ڪٽ ڪٽي نہ ڏيو پر سمهو تہ سَرَ سان.“ هڪ تي تون ۽ تنهنجي جوءِ سمهي، ٻيءَ تي پٽهين ۽ تنهنجي ماءُ سمهي. وڏيڪ توهان جي مرضي“.

***

اوهان کي به خبر پوي

ڳالهه ٿا ڪن ته وتايو فقير هڪ ڏينهن پنهنجو گڏهه ڪاهي پڙيءَ تي ويو. پڙيءَ تي پهتل خريدارن مان جڏهن ڪو گڏهه کي ڏسڻ لاءِ اڳيان ٿي آيو ته، گڏهه کيس چڪ ٿي هنيو ۽ جڏهن خريدار پويان ڦري سندس جائزو ٿي ورتو ته، گڏهه ان کي لت وهائي ٿي ڪڍي. ائين واري واري پن ٽن واپارين سان گڏهه اهڙي ڪار ڪئي. نيٺ ڪاوڙ مان هڪ خريدار وتائي کي چيو: فقير ههڙو ڪتر گڏهه آخر توڪان وٺندو ڪير؟

فقير وراڻيو: ادا، آءُ به گڏهه ڪو وڪري لاءِ ڪونه ڪاهي آيو آهيان. آندو رڳو ان لاءِ اٿم ته، ٻين کي خبر پوي ته مون سان ڪهڙي ويڌن آهي.

***

دعا جو در ئي ساڙي ڇڏيئي

ڳالهه ڪندا آهن ته وتايو فقير ڪنهن پراهين پنڌ تان موٽندي تڪڙو تڪڙو ڳوٺ جي گهٽيءَ ۾ پهتو ته ڪا مائي سڳوري پنهنجي گهر جي ڳليءَ تي مليس، تنهن جي ڪيڪارڻ تي فقير وراڻيس: مائي الله پلو ڪرئي هينئر هينئر مسافريءَ کان موٽيو آهيان، سو بک به ڏاڍي لڳي اٿم، ٻڌاءِ ڪو اٽئي ٽڪر ڳيو.

مائيءَ وراڻيو: فقير تازو پٽ رڌو اٿم. اڄ ته توکي ڪوسو ڪوسو پٽ ٿي کارايان. فقير دل ئي دل ۾ سوچيو: واهه پلا پاڳ منهنجا! ۽ مائيءَ کي چيائين، پيڻ جلدي آٽي ڏيم. اصل بک کان ساهه پيو وڃي!

مائي ته تڪڙ ۾ گرم پٽ جي ٿالهي پري اچي وتائي اڳيان رکي ۽ چوڻ لڳس: فقير ڪوسو ڪوسو پٽ ڏاڍو مزيدار ٿيندو اٿئي، بس وجهه وات ۾ ۽ وچ ڳيتون ڏيندو اصل دير نه ڪر. فقير اڳ ئي هو بک جو تپايل، ويتر جو مائيءَ تڪڙ ڪاڻ لاءِ همٿ ٻڌايس، سو ويو ڪوسو پٽ ڳهندو.

نيٺ پٽ کائي ڪيائين دنگ. جڏهن هلڻ هارو ٿيو ته مائيءَ چيس: فقير ويندي ويندي ڪا دعا ته ڏيندو وڃيم.

فقير وراڻيو: مائي دعا جو در ئي ساڙي ڇڏيئي، هاڻ تو لاءِ کهڙي دعا نڪرندي.

***

سچاڻون سپ ڪنهن کي ٿا

هڪ پيري وتايو فقير گهمندي گهمندي عمرڪوٽ اچي نڪتو. اتان جون عورتون تڙ تي پاڻي پري رهيون هيون، جيڪي ڪيس سچاڻينديون هيون. انهيءَ وقت انهن عورتن ۾ سندن مڱيندي به موجود هئي. ان تي عورتن سندس مڱينديءَ کي چيو: آئي تون وتائي کي ڪيڪار ڏسون تہ ڇا ٿو چوي؟

جڏهن سندس منگ ڪيس ڪيڪاريو تہ، وتائي هڪدم وراڻيو: ”ڇريا ڪريا آهيون، پر سچاڻون سپ ڪنهن کي ٿا“.

***

هبچ ڪان بچڻ

هڪ ڏينهن وتائي فقير کي ماڻس چيو: ”ابا! روڪڙ ڪٿي پئي آهي، هاڻ تہ الله سائين کي سوال ڪر تہ ڪجهہ ڏياري“.

فقير گهر ۾ بيٺل پير تي چڙهي، ان کي ڏوڻيو تہ منجهانئس روپين جو مينهن وسي پيو. ان مان هڪڙو روپيو ڪٿي اچي ماءُ کي ڏنائين.

ماءُ چيس: ”ابا! هيترن روپين مان فقط هڪڙو روپيو ڪٿي آيو آهين؟

فقير چيو: ”ماٺ ڪر، هبچ نہ ڪر، الله سائينءَ کي ريچڪ آيئي تہ اهو بہ ڪسي وٺندءِ!“

***

ڪاوڙجي ڏوڏ نہ وڃئي

وتائي فقير وٽ هڪ ڏڳي هئي. ماڻس جو ان سان تمام گهڻو پيار هوندو هو. خدا جي قدرت سان هڪ سال اچي مال ۾ ساتو پيو ۽ ڀاڳين جا ڀاڻ خالي ٿي ويا. غريب غربي جي دانهن مچي وئي. ڪنهن وٽ ڪو هڪ بہ وهٽ هئا، سي اهي بہ مري ويا. وتايو

فقير بہ انهيءَ ڏک کان بچي نہ سگهيو. جيڪا ڍڳي هيس سا بہ مري ويس. ماڻس کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ اچي روئڻ ۾ چٽڪي، سو بس ئي نہ ڪري. وٽي دانهون ڪري چوي: الله کي بہ اچي اسان جي ڍڳي سُجهي. اسان جي مسڪينيءَ تي ڪهل ڪانہ آيس. اها بہ ڪسي ورتئين. تڏهن وتائي فقير چيس: "امان ماٺ ڪر، مورڳو الله سائين ڪاوڙجي ڏوڏ نہ وٺئي".

***

پٺاڻن جو گهر هيءُ آهي

هڪ ڏينهن وتايو فقير پنهنجي گهر آيو ڏٺائين تہ، دروازي جي پرسان هڪ ڇوڪرو ويٺو تورو ڪري، کانئس پڇيائين: ڇوڪرا ڪنهن جو پٽ آهين؟

ڇوڪر جواب ڏنس: "الله جو".

تڏهن يڪدم کيس ٻانهن ۾ هٿ وجهي، وٺي وڃي مسجد جي در وٽ ٻينو ۽ چيائينس: "ابا پراوا گهر نہ وڃاءِ، پٺاڻن جو گهر هيءُ اٿئي".

***

جيڪا مڙني جي مرضي

چون ٿا تہ هڪ ڀيري جڏهن وتايو سفر سانگي ڳوٺ کان ٻاهر نڪتو تہ سندس پالتو ڪتو بہ هن جي پويان پويان هلڻ لڳو. فقير گهڻو ئي تڙيس، پر ڪتو ڪتي تو مڙي.

بهرحال ڪتو فقير پويان پويان هلندو رهيو. جڏهن فقير ڪنهن ڳوٺ پرسان لانگاهو ٿيو تہ ان ڳوٺ جا ڪتا فقير واري ڪتي کي ڦري آيا. پهريائين تہ هڪ ٻئي کي يشون ڏنائون، پر نيٺ ڪتن جي ولڙ ڪٽي فقيرجي ڪتي کي دسيو. ايتري ۾ فقير بہ ٻئي سوٽيون پنهنجي ڪتي کي ڦهڪائي ڪڍيون.

ڪنهن ڳوٺ واري پريان بيٺي اهو لقاءُ ڏٺو تنهن چيو: "فقيرا اهو ڇا ٿو ڪرين، هي سڀ ڪتا بہ تنهنجي ڪتي کي پيا مارين ۽ تون بہ پنهنجي ڪتي کي پيو لنيون هڻين".

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير وراڻيو: ”ادا! جڏهن مڙني جي مرضي اها آهي تہ پوءِ مان چو مڙان“!

***

روزي کولڻ جو ثواب تہ نہ وڃاءِ!

رمضان مهيني ۾ مسجد ۾ روزي کولڻ وقت روزي کولڻ لاءِ ٻين روزائتن سان گڏ وتايو فقير بہ پهتو. ڪنهن رڙ ڪري چيس: ”فقير منجهند جو تہ ماني پئي کاڌئي، روزو وري ڪيڏي مهل رکئي“.

وتائي وراڻيو: ”ابا! جي نہ رکيم تہ ٺيو خير. پر کولڻ جو ثواب تہ نہ وڃاءِ!“

***

پاڻ تي الزام نہ کڻ

ڪنهن ماڻهوءَ وتائي تي وار ڪرڻ لاءِ مٿس لٺ اولاري، وتائي واڙو تي پڇيو: ايڏي ڪاوڙ ڪهڙي قصور ڪري؟ لٺباز وراڻيو: تون پاڻ چوندو آهين تہ هٽي هٽائي پاڻ الله ٿو پوءِ مون کي بہ اهڙو حڪم ڪيو هوندائين.“ وتائي ٺهڪ ڏيئي چيس: ”الله، کي واڻيو مارڻو هوندو تہ هر حال ۾ ماريندو مورک! تون پاڻ تي اجايو الزام ڇا لاءِ ٿو کڻين!“

***

وتايوءِ پاٽڻي

وتائي کي ماءُ هڪ پاٽڻيءَ حوالي ڪندي چيو: ”ابا! ڇورو ڇنو آهي، پاڻ سان ڪم تي لائينس.“ پاٽڻيءَ فقير کي ماڻهن کي پتڻ اڪارڻ واري ڪم تي لاتو۽ پاڻ ڪٺ تي چڙهيو اوطاق ۾ وينو رهيو. سانجهيءَ ٽاڻي، وتايو بہ سڄي ڏينهن جي ڪمائيءَ مان اڌ مسڪينن ۾ ونڊي ورهائي، باقي بچت سميت پاٽڻيءَ وٽ پهتو. پاٽڻيءَ روزاني ڪمائيءَ ۾ ڪمي ڏسي ڪانئس پڇيو: ”پئسا پورا ڪينهن؟“ وتائي ٻڌايس: ”اڌ ٽڪا تنهنجا آندا اٿم، باقي اڌ رقم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇليم درياهہ بادشاهہ ۾.“ هن هڪو ٻڪو ٿي چيس: ”ڏن درياهہ ۾ ڇاجي ڪاڻ اڇليئي؟“ وتائي چيس: ”درياهہ ۾ ڇونہ اڇليان! پٽڻ ڪو پٺهين جي پٺيءَ تي ٿي تريو ڇا! درياهہ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو. هن جو حصو هن کي ڏنم. باقي تنهنجو ڪٽي آيو آهيان“.

***

ڪٽي رنپ ڪرائينس ها!

هڪڙي ڀيري وتائي ڍڳي پئي ڏڏي. ڪير ڍنڍي هن ڪان ڳابي ڏرائڻ جو خيال لهي ويو. ڳابي ڪير ڏائڻ لاءِ هر هر پئي ٽاٽيو. ڪنهن گهڙيءَ ڳابي جو رسو ڍرو ٿي ڪلي ويو سو اوچتو اچي ڳڻونءَ کي چنبڙيو تہ، ڳئونءَ نڪاءُ ڪٽي لت ڪئي تہ وتايو چونريءَ سميت وڃي اونڌو ڪريو. سڄو ڏڌل ڪير هارجي ويو. وتايو اُٿيو ۽ ڪنڌ آسمان ڏي مٿي ڪٽي ڇوڻ لڳو: ”ڀلا جي مون ڪان ڳابو ڏارائڻ وسري ويو هو تہ، توکي تہ ياد هو ڪٽي رنپ ڪرائينس ها، رسو تہ نہ ڪڍينس ها. ڳابي کي ڍؤ ڪرايئي، باقي اسان کي لنگهڻ ڪٽايئي، واهہ تنهنجو انصاف!

***

مٿان منهنجي ڇٽي تي لڳين

هڪڙي ڏينهن ٻُڪئي پيٽ وتايو ٻير جي وڻ هيٺان اچي وينو. منڊ بہ ڪا ٻيرن پچڻ جي هئي، اوچتو بہ ٽي ٻير اچي وتائي جي پير ۾ ڪريا، سي ڪٽي ڪاڏائين، پر ٻيرن فقير جو پيٽ ڪونہ ڀريو سو مٿي نهاري ڇوڻ لڳو: خبر بہ هيئي تہ ٻير ڪائڻ جي شيءِ آهي، تہ گهٽ ۾ گهٽ گدري جيترو تہ ڪيرين ها. ائين ڪندي اوچتو هڪ نسبتن وڏو ٻير اچي وتائي جي مٿي تي نڪاءُ ڪيو. وتائي وٺي رڙ ڪئي: جهل جهل! منهنجي ڇوڻ تي مٿان لڳين! گدري جيڏو ٻير مٿان ڪيرين تہ ماٺهن جا مٿا ڦاڙي وجهين.

***

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير دعا گهر تہ مولا مينهن وسائي

چون ٿا تہ ملڪ ۾ مينهن جي منڊ وئي ٿي چڙهنديءَ ماڻهن کي اچي سر جي لڳي تہ، هيل مينهن نہ پيو تہ ڏڪار جا ڏينهن اچي ڪڙڪندا، گذر بسر ڏکيو ٿي پوندو، سو صلاح ڪري وتائي فقير وٽ اچي پهتا ۽ کيس چيائون: ”فقير تون الله جو پيارو آهين، ڪانئس دعا گهر تہ مينهن وسائي، ورنہ جوءِ ۾ ڏڪر اچي ڪڙڪندو.“

فقير چين: ”ادا، ڳالهہ اوهان جي صحيح آهي، پر يارُ منهنجي دعا کي الٽو وٺي، سو توهان وچو مان ڪا ڏل ٽليان ٿو.“

ٻئي ڏينهن ڏاڍو اچي مينهن لٿو، ملڪ ملير ٿي ويو. ماڻهو مڙي فقير وٽ آيا. چيائونس: ”فقير تنهنجي دعا الله ٻڌي، اصل وارا نيارا ٿي ويا. پلا، توهان ڪلهہ ڏٺيءَ ڪان اهڙي کهڙي دعا گهري.

فقير وراڻيو: ”ڪلهہ تن ٿي پاتل ميرا ڪپڙا لاهي، ڌوئي سڪائڻ لاءِ گهر جي لوڙهي تي وڌم ۽ دعا گهريمانس: ”هي اڪيلو وڳو اٿم سواءِ هن بوڇڻ جي جيڪو ٻڌي ڪپڙا ڌوتا اٿم! اُس کي تيز ڪر تہ، جيئن جلد ڪپڙا سڪن پن تہ لڳ ڍڪيان! ائين اچي بس ڪيم تہ، اچي مينهن نڪاءَ ڪيو.“

***

تو تہ دنگ ڪري ڇڏيو!

هڪ هنڌ وتايو ڏيان ۾ ويٺو هو پنهنجي خيالن جا اوتار چڙهيل هئس تہ هڪڙو ماڻهو جنهن کي تمام تڪڙو حاجت جو خيال لڳو هو سو وتايي جي پٺيان ڪنهن ٻوڙي کي پٽ ڏيئي ويهي رهيو. هن جي ريح جي آواز تي فقير ڪنڌ ورائي ڏٺو. ڏٺائين تہ ٻنهہ سندس پوٺتان ماڻهو پيو رفع حاجت ڪري. تڏهن هن کي شرمائي چيائين: ”چريا تہ اسين پيا سڏجون، پر تون تہ اجا بہ هٿ اڳتي پيو لڳين. الاءِ زور ٻيهڻ نہ ڏنئي، الاءِ نظر کان نابين آهين.“

***

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڳُڙ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳَل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ جاڙ وڏي تي ڄڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چون، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪرِ پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بڻائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book